# شڪارپور جي ٻولي

مصنف:
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

(سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو)

سلسلي جو ٽيون ڪتاب

# شڪارپور جي ٻولي


مصنف

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌ صوبائي ميوزم، نيشنل هاءِ وي

حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

١٤١٣هه / ١٩٩٢ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون | سال ١٩٩٣ع
تعداد: | هڪ هزار

قيمت: ٢٨ روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ :

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر٩٧٢
گل شاهہ محلو
گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# پيش لفظ

**سنڌ** ۾ سنڌي ٻولي جيئن جدا جدا ڀاڱن ۾ڳالهائجي ٿي تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان وٺي پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي جنهن سان استادن کي ان ڀاڱي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارن جي ٻوليءَ جي پروڙ پوندي ۽ کين پڙهائڻ ۾ سولائي ٿيندي، هر ڀاڱي جي عوامي ٻوليءَ مان واقفيت حاصل ٿيندي، جنهن سان سماجي ڪم ڪندڙن، زرعي کاتي جي ڪامگارن ۽ ٻين ڪارڪنن کي ان ڀاڱي ۾ عوام سان هم زبان ٿي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي. وڌي ڳالهه ته هر ڀاڱي جي ٻولي لکت ۾ محفوظ ٿيندي جنهن ڪري مجموعي طور سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو.

انگريزن جي دور ۾، سرڪاري طور تي، هندوستان جي ٻولين جو لساني جائزو ( LINGUISTIC SURVEY OF INDIA ) جي هڪ وڏي رٿا عمل ۾ آندي وئي جنهن جو سربراهه جي. اي. گريئرسن هو. ان رٿا هيٺ سنڌي ۽ سرائڪي جو مطالعو جڻ ٻن پيٽين طور ڪيائون ۽ ان حيثيت ۾ اهو هڪ ساڳئي جلد( Volume III, Part- I ) ۾ مرتب ڪيائون. ان کي به ڪافي عرصو گذري ويو ۽ انهيءَ قسم جي ٻئي جائزي جي ضرورت انگريزن جي آخري دور ۾ محسوس ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۽ پڻ سنڌ سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾ سنڌي ٻولي جيئن ڳالهائجي ٿي تيئن ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي

وئي آهي. ان رڳا موجب ڪم هيٺين ٻارهن موضوعن مطابق ٻولين جا مطالعا ڪيا ويندا:

١، سِبي جي ٻولي
٢، ڪڇي- ناڙي جي ٻولي
٣، اتر ايرندين سرحد واري ماٿيلي- اباوڙي جي ٻولي
٤، ڪاڇي جي ٻولي
٥، لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي
٦، ڪاري جي ٻولي
٧، ڪڇي- سنڌي ٻولي
٨، ٿري- ڍاٽڪي ٻولي
٩، اتراڏي ٻولي
١٠، لاڙي ٻولي
١١، ڪن خاص شهرن جي ٻولي
١٢،ڪن خاص قبيلن جي ٻولي

"شڪارپور جي ٻولي" هن سلسلي جو ٽيون ڪتاب آهي جيڪو محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرتب ڪيو آهي، هي تحقيقي مطالعو شڪارپور شهر ۽ ان جي ڀرپاسي واري ٻوليءَ جي مطالعي ۾ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيندو.

٢٦ شوال ١٤١٣هه
١٩ اپريل ١٩٩٣

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| | مهاڳ | ٦ |
| باب پهريون : | سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا | ١٦ |
| | سنڌي زبان جون خصوصيتون | ١٨ |
| باب ٻيو : | شڪارپور جي تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر | ٢۴ |
| | شڪارپور جي اهميت ۽ وڻج - واپار واري حيثيت | ٢٧ |
| باب ٽيون: | شڪارپوري محاوري جو لساني جائزو | ٣۴ |
| باب چوٿون: | شڪارپوري محاوري جو گرامر جي لحاظ کان جائزو | ۴٢ |
| باب پنجون : | شڪارپور جي محاوري جون ڪجھ ٻيون خصوصيتون | ٧٩ |
| باب ڇهون: | شهر شڪارپور جي ٻوليءَ جي خاص لفظن جي پٽي | ٨٧ |
| | اصطلاح | ١٠٣ |
| | فقرا | ١٠٩ |

# مهاڳ

هن ڪائنات جي ڪثرت ۾ الله تعاليٰ واڏ راز ۽ اسرار رکيا آهن. هرهڪ شيءِ ۾ قاعدي، قانون ۽ سٽا موجب موجود آهي. هر شيءِ پنهنجي فطرت ۽ نظام موجب ڪم ڪري رهي آهي، ۽ انسان جي ڪم اچي رهي آهي. الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ انسان انهيءَ ڪري اشرف المخلوقات آهي، جو هن ۾ شعور آهي، قوت گويائي آهي، ۽ جستجو، جاکوڙ، کوجنا ۽ ڪائنات کي سمجهڻ جي تڙپ آهي. هو پنهنجي فهم ۽ ادراڪ آهر، جستجو ۽ جاکوڙ ذريعي الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل شين کي پرکڻ، پروڙڻ، ۽ انهن جي سٽاءَ ساخت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي،

انسان، جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي جوڙيل ٻين شين جي مزاج ۽ فطرت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهڙيءَ طرح ٻولين جي خوبين، خصوصيتن، سٽاءَ، ساخت، قاعدن ۽ قانونن کي بہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. انسانن جي اها کوجنا ايامن کان هلندي آئي آهي. موجوده دور ۾ علم لسان وڏي ترقي ڪئي آهي. ماهرن هن علم کي باقاعده هڪ سائنسي علم جي صورت ڏني آهي: ڇاڪاڻ جو هنن ڏٺو آهي، تہ ٻولين جي سٽا جو نظام قاعدن ۽ قانونن موجب آهي، جنهن ۾ تر برابر بہ تفاوت نہ ٿو ٿئي. ماهرن هن علم کي سماجي سائنس بہ ليکيو آهي، ۽ ان کي ٻين سماجي علمن کان جدا علم ٺهرايو آهي.

علم لسان، ٻولين جي اڀياس، جائزي ۽ ڇنڊڇاڻ جو علم آهي.

هن علم ذريعي ٻوليءَ جي آوازن، آوازن جي ميلاپ سان ٺهيل لفظن، لفظن جي باقاعده سٽاءَ جي ذريعي ٺهيل جملن، ۽ ٻوليءَ جي ٻين خوبين، خوصيتن مزاج ۽ مزاج کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جديد علم لسان جو وڏو ڪارنامو هي آهي، تہ هن تحريري زبان کي ڇڏي فقط گفتگو واري ٻوليءَ (Spoken Lan-guage) کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ، ان جي ڪناڪيڙ ڪئي آهي. علم لسان جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ، اصل ٻولي گفتگو واري ٻولي آهي، ۽ نہ ان جي لکت واري شڪل. گفتگو واري ٻولي (Spoken Language) آوازن جي ميلاپ مان جڙي ٿي. يعني اهائي زبان اصل زبان آهي، جيڪا آواز جي ذريعي ڳالهائيندڙ کان ٻڌندڙ تائين پهچي ٿي. پروفيسر رابنس لکيو آهي:

”هيءَ علم انسان ذات جي ٻوليءَ جي مطالعي سان واسطو رکي ٿو.“

هن علم جي مکيہ ۽ بنيادي شاخ ”صوتيات“ (آواز) آهي، جنهن کي برطانيہ جي لسانيات جي مشهور ماهر فرث (Firth) ”ڳالهائڻ جي آوازن جو علم“ سڏيو آهي.

هن علم ذريعي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ ساخت کي نظر ۾ رکي، ويا ڪرڻ جي لحاظ کان ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو وڃي ٿو. ويا ڪرڻ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي: علم صرف ياصرفيات (Marphology) ۽ علم نحو يا نحويات (syntan) علم صرف، لفظن جي جوڙجڪ سان تعلق رکي ٿو. ان ۾ اهو اڀياس ڪيو وڃي ٿو، تہ آواز ڪيئن ملي، بامعنيٰ لفظ جوڙين ٿا. علم نحو ۾ فقرن ۽ جملن جي سٽاءِ ۽ انهن ۾

لفظن جي بيهڪ جو مطالعو ڪيو ويجي ٿو.

اها حقيقت آهي، تہ هر ٻوليءَ جا مختلف محاورا ٿين ٿا: جن ۾ صوتيات ۽ صرفيات جي لحاظ کان ٿورو فرق ٿئي ٿو. ان هوندي بہ بنيادي سٽا ۽ ساخت ساڳي رهي ٿي. يعني نحوي لحاظ کان سٽا ۾ بنيادي فرق نہ ٿو ٿئي. نہ فقط ايترو، پر صوتيات ۽ صرفيات جا بنيادي اصول بہ ساڳيا رهن ٿا. سنڌي زبان جي نحوي سٽا هن طرح آهي (١):

(١) سنڌي زبان ۾ فاعل جو لڳ ٻهريائين، ۽ فاعل ان کان پوءِ ايندو آهي.

(٢) فعل هميشه جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

(٣) صفت هميشه موصوف کان اڳ ۾ ايندي آهي، ۽ اِن جي بالڪل پاسي ۾ هوندي آهي.

(۴) فعل جو وڌاءُ (لڳ) فعل کان اڳ ۾ ايندو آهي.

(۵) فاعل کان پوءِ، ۽ فعل جي وڌاء کان اڳ، ٻهريائين مفعول جو وڌاءُ، ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو آهي.

(٦) ظرف هميشه فعل جي وڌاءَ طور ڪم ايندو آهي.

(٧) حرف جر- اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ۽ ان جي بالڪل پر ۾ ايندو آهي.

سنڌي زبان جي سيني محاورن جي سٽا جي نوعيت گهڻو ڪري اهائي آهي. ڪو بنيادي فرق ڪونهي.

صوتيات ٻن قسمن جا ٿين ٿا: حرف صحيح ۽ حرف علت، جن

---

(١) غلام علي الانا، ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٧، ص. ۴٩.

کي انگريزي ۾ Consonants ۽ Vowels چيو وڃي ٿو. جديد علم لسان جي لحاظ کان جن سنڌي ماهرن، سنڌي زبان جو صوتياتي اڀياس پيش ڪيو آهي، انهن ”حرف صحيح“ جي بدران ”وينجن“ ۽ ”حرف علت“ بدران ”سُر“ لفظ ڪتب آندا آهن. سنڌي زبان جا ”وينجن“ هي آهن:

”ب- ٻ- پ- ڦ- ت- ٿ- ڪ- ک- گ- گهـ- ٻ- ڳ- ڱ- ڏ وغيره“

”سر“ آواز هي آهن:

”اَ- آ- اِ- اِي - اي - اَي- اُ- اُو- اِو- اَو“

سنڌي زبان جي محاورن ۾ وينجن جي لحاظ کان اهو فرق ٿئي ٿو، تہ ڪنهن محاوري ۾ وسرگ آوازن (اهي آواز جن ۾ ”هہ“ ملي وئي آهي جهڙوڪ: ”ڦ“، گهہ، جهہ، لهہ، مهہ، نهہ، ٿهہ، ڙهہ وغيره) جي بدران اوسرگ (اهي آواز جن ۾ ”هہ“ نہ آهي، جهڙوڪ: ب، پ، گ، ڪ، م، ن، ڙ، ر وغيره) اچن ٿا. ڪن محاورن ۾ ”ڻ“ گهٽ استعمال ٿئي ٿو. ڪن محاورن ۾ ”ن“ غنو اچي ٿو، تہ ڪن ۾ ”ڻ“ غنو گهٽ استعمال ٿئي ٿو. ڪن محاورن ۾ عربي زبان جا حرف جهڙوڪ: غ، خ وغيره صحيح نموني ۾ اچاريا وڃن ٿا، ڪن ۾ انهن جي بدران سنڌي آواز: گ، ک اچاريا وڃن ٿا.

سر آوازن جي لحاظ کان اهو فرق ٿئي ٿو، تہ ڪنهن محاوري جي ڪن لفظن ۾ ”اَ“ جي بدران ”آ“، ”اُو“ جي بدران ”اُ“ ۽ ”اِي“ جي بدران ”اِ“ اچن ٿا. مثلاً: ڪنهن محاوري ۾ ”مان“، تہ ڪنهن ۾ ”مون“ ۽ ڪنهن ۾ وري ”مُن“ اچاريو وڃي ٿو. ڪن

محاورن ۾ وري ”سر آواز“ گهٽايا وڃن ٿا.

بهرحال سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ ٿورو فرق ٿئي ٿو، پر بنيادي فرق نہ ٿو ٿئي. مثلاً: سيني محاورن ۾ ضمير، حرف جر، حرف اضافت، فعل وغيره ساڳيا ٿين ٿا. البت انهن ۾ سر آواز جو فرق ٿئي ٿو، مثلاً ڪنهن محاوري ۾ ”جنهن“ جي بدران ”جنه“ ، ”ڪنهن“ جي بدران ”ڪنه“ ڪتب اچن ٿا. ”ڪن ۾ ڪڏهن“ جي بدران ”ڪڏنه“ ، تہ ڪن ۾ وري ”ڪڏي“ اچن ٿا. ڪن ۾ ”آهن“ جي بدران ”هِنِ“ يا ”اِنِ“ اچن ٿا. ڪن محاورن ۾ ”آهي“ جي بدران ”آ“ ، ”آھ“ يا ”هي“ اچن ٿا.

مطلب تہ اهڙي نموني ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو لساناتي اڀياس جديد علم لسان جي هڪ شاخ آهي، جنهن لاءِ صوتيات جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. اهو بہ آهي، تہ محاورن جو اڀياس گفتگو واري ٻولي (Spoken Language) جي بنياد تي ئي ڪري سگهجي ٿو.

ٻوليءَ جي محاوري لاءِ انگريزي لفظ "Dialect" آهي. سنڌي ۾ ان لاءِ ”محاورو“ يا ”لهجو“ يا ”اپڀاشا“ لفظ استعمال ٿيندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ، بنياد، اصل نسل، سٽا ۽ ساخت، تاريخ ۽ اُرتقاتي تحقيقي ڪم ڪندڙ ماهرن پنهنجي مقالن ۽ ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي محاورن/ لهجن جو ذڪر بہ ڪيو آهي. انهن مان ڪاڪي ڀيرو مل ۽ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا نالا قابل ذڪر آهن. جديد علم لسان تي سنڌ ۾ محترم پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو

آهي. محترم پروفيسر علي نواز جتوئي پنهنجي ڪتاب ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ۾ سنڌ جي مختلف محاورن جو ذڪر ڪيو آهي. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتابن: ”سنڌي صوتيات“، ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“ ۽ ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“ ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو تعارف ڏنو آهي. خاص طرح سان ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“ ۾ سنڌ کان ٻاهر، سنڌي زبان جي محاورن جو تعارف تفصيل سان ڏنو آهي. محترم محمد عمر چنڊ پنهنجي ڪتاب ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڪائون“ ۾ محاورن جي علمي ۽ لسانياتي اڀياس جي اپٽار ڪئي آهي.

سنڌي زبان جي محاورن تي الڳ الڳ جديد علم لسان جي لحاظ کان بہ تفصيلي اڀياس بہ ٿيو آهي، ۽ ٿيندو رهي ٿو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ ۾ لس ٻيلي جي سنڌي محاوري جون لسانياتي خصوصيتون بيان ڪيون آهن، محمد سومار شيخ مرحوم پنهنجي ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ ۾ ڪڇ (ڀارت) جي سنڌي محاوري جو ڪجهہ قدر ذڪر ڪيو آهي. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي پي - ايڇ ڊي جي مقالي ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ ۾ ”لاڙي“ محاوري جو لسانياتي جائزو ڏنو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي پي. ايڇ ڊي جي مقالي: ”بيان العارفين سنڌي، ترتيب، حواشي ۽ تعليقات“ ۾ لاڙي ۽ ڪڇي محاورن جو مختصر لسانياتي جائزو ڏنو آهي. ڊاڪٽر داد محمد بروهي، بلوچستان جي علائقي ”سبي ناڙي“ جي مختلف

سنڌي محاورن تي تحقيقي مقالو لکي، پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جي پي. ايچ ڊي جي مقالي کي ڪجهہ قدر مختصر ڪري ”سبيءَ جي ٻولي“ نالي ڪتاب ڇپايو آهي.

”سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو“ مبارڪباد جو مستحق آهي، جنهن سنڌي زبان جي مختلف محاورن تي تحقيقي ڪم جي باقاعده رٿا هٿ ۾ ڪنئين آهي. ان رٿا تحت ”سبيءَ جي ٻولي“ ۽ محترم پروفيسر محمد فاضل شيخ جو ڪتاب ”ماتيلي- اٻاوڙي جي ٻولي“ ڇپجي چڪا آهن، ۽ هي ڪتاب ”شڪارپور جي ٻولي“ اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. ان لاءِ اداري جي سربراهہ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ذاتي ڪوشش کي دخل آهي. محترم ڊاڪٽر صاحب سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، اها اظهر من الشمس آهي. ان جي جيتري بہ ساراهہ ڪجي، اها ٿوري آهي. هن رٿا کي عملي جامو پهرائڻ جو سهرو بہ ڊاڪٽر صاحب جي سر آهي. ان لاءِ هن بيشڪ ڪيرون لهڻيون.

هن ڪتاب ۾ شڪارپور واري علائقي، خاص طرح سان ”شڪارپور شهر“ جي محاوري جو لسانياتي مطالعو پيش ڪيو ويو آهي هن لهجي جون خوبيون ۽ خصوصيتون جديد علم لسانِ جي لحاظ کان نروار ڪيون ويئون آهن. نہ فقط ايترو، پر شڪارپوري محاوري ۽ ٻين محاورن جو تقابلي مطالعو بہ ڏنو ويو آهي. اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي، تہ هي محاورو ”سريلي“ محاوري جو هڪ لهجو آهي، جنهن جون ڪجهہ قدر خصوصيتون سريلي محاوري جي ٻين

لهجن جهڙيون آهن. ان هوندي بہ شڪارپوري لهجي جون انفرادي لسانياتي خصوصيتون بہ آهن، جن کي باقاعده تفصيل سان صوتيات، صرفيات ۽ نحويات کي نظر ۾ رکي نروار ڪيو ويو آهي.

هي لسانياتي اڀياس شڪارپوري جي گفتگو واري ٻولي (Spoken Language) کي نظر ۾ رکي، پيش ڪيو ويو اهي. ڪٿي ڪٿي شڪارپور جي ڪن شاعرن جي شعر مان ۽ نثر نويسن جي نثر مان مثال بہ ڏنا ويا آهن. شعر ۽ نثر جا اقتباسات اُهي ڏنا ويا آهن، جن ۾ شڪارپوري لهجي جي گفتگو واري ٻوليءَ جا لفظ، گفتگو واري اچار ۽ معنيٰ ۾ ڪتب آندل آهن.

راقم الحروف هن کان اڳ ۾ بہ شڪارپور جي لهجي جي لسانياتي اڀياس بابت هڪ مقالو لکيو هو، جيڪو ١٩٨٤ع ۾ جشن شڪارپور جي موقعي تي منقعد ڪيل سيمينار ۾ پڙهيو ويو هو. اهو مقالو ماهوار "پيغام ڪراچي"، ۽ شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽيءَ طرفان شڪارپور بابت ڇپايل ڪتاب ۾ ڇپيو هو. هن ڪتاب ۾ تفصيلي مطالعو ڏنو ويو آهي.

هن ڪتاب لکڻ وقت مون پنهنجي سر شڪارپور جي محاوري جي گفتگو واري ٻوليءَ جو لسانياتي اڀياس ڪري، جائزو پيش ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو شڪارپور جي علائقي سان منهنجي وابستگي آهي. منهنجي اباڻو ڳوٺ (ماڙي) شڪارپور شهر کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي، جنهن ۾ آءٌ ڄائو نپنو آهيان، ۽ پرائمري تعليم پرائي اٿم. سيڪنڊري تعليم ۽ ڪجهہ قدر ديني تعليم شڪارپور شهر ۾ حاصل ڪئي اٿم. جيتوڻيڪ لڏي اچي لاڙڪاڻي شهر ۾

رهيا آهيون، پر شڪارپور سان تعلق ساڳي نموني قائم ۽ دائم رهيو آهي. ان کان سواءِ زندگيءَ جو تمام وڏو عرصو ملازمت سبب سکر ۽ شڪارپور ۾ گذاريم. اهوئي سبب آهي، جو منهنجي گفتگو ۾ شڪارپور جي لهجي جو اثر ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿي پوندو آهي. البت اُنارهن (ارڙهن)، گهمدو، ڦرڙو لفظ هيئنر ڪونہ اچاريندو آهيان، پر ايندم، ويندم اچا ڪونہ وسريا اٿم.

ڪميون ۽ ڪوتاهيون انسان جي فطرت آهي. ظاهر آهي، تہ هن ناچيز کان بہ هن ڪتاب ۾ اوڻايون ٿيون هونديون، اهو بہ آهي تہ آءٌ لسانيات جو ماهر نہ آهيان، پر پنهنجي سر هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ علم لسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. انهيءَ مٿاچري ۽ اڻ پوري اڀياس جي ڪري بہ ڪي گهٽ وڌايون ٿيون هونديون. علم لسان جي ماهرن جي خدمت ۾ گذارش آهي، تہ هن ڪتاب جون ڦنّي اوڻايون، عفو جي عين سان ڏکي ڇڏين، ۽ پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازين، تہ جيئن آئنده انهن جي روشني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي محاورن جو اڀياس ڪري سگهجي.

آءٌ پنهنجي محسن محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو شڪريو ادا ڪرڻ پنهنجو اولين فرض سمجهان ٿو، جنهن منهنجي همت افزائي ڪري، مون کي هي ڪتاب لکڻ تي آماده ڪيو. جيڪڏهن محترم ڊاڪٽر صاحب جن وقت بوقت هن ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ تاڪيد نہ ڪندا رهن ها، تہ هرگز ڦني ڪتاب لکڻ جي جرات نہ ڪري سگهان ها. بهرحال جيڪي ڪجھ آهي،

اوهان جي آڏو آهي. آءُ تہ ائين چوندس:

”پليءِ پايو ڪيچ آچيندي لڄ مران.“

دعا آهي، تہ الله تعاليٰ هن ناچيز جي هن ننڍڙي قلمي ڪاوش کي مقبول بنائي. آخر ۾ آءُ پنهنجي شاگرد بدر ڌامراهہ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي پروفن پڙهڻ ۾ منهنجو هٿ ونڊايو.

لاڙڪاڻو- سنڌ

٢١- فيبروري ١٩٩٣ع ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

## باب پهريون

# سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا

ٻولي: انسانن ۽ حيوانن ۾ فرق آهي. انسان، پنهنجا خيال، ويچار، جذبا ۽ احساس ڳالهائڻ ذريعي ٻين انسانن تائين پهچائي ٿو. جانورن کي به پنهنجون ٻوليون آهن، پر اهي تنوارون ۽ رڙيون ٿين ٿيون، جن ۾ وقت پٽاندر ڪا به تبديلي ڪانه ٿي ٿئي. ان ڪان سواءِ هڪ جنس وارا جانور سڄي دنيا ۾ هڪڙي ئي قسم جي تنوار، رڙ يا رانيٽ ذريعي پنهنجي ڳالهه ظاهر ڪن ٿا. اهو به آهي، ته هڪ قسم جا حيوان، ٻين حيوانن جي ٻولي سکن ڪونه ٿا. انهن جي ڀيٽ ۾ انسان جي ٻولي مختلف آوازن تي مشتمل ٿئي ٿي، ۽ ان جي قدرتي طرح هڪ سٽا ٿئي ٿي. ماهرن مختلف ٻولين جو لساني جائزو وٺندي، ثابت ڪيو آهي ته دنيا جي ڪنهن هنڌ جي ننڍي ۾ ننڍي گروهه، ۽ تهذيب ڪان نا آشنا قومن ۽ قبيلن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ان جي به باقاعده ۽ مقرر سٽا ۽ ساخت ٿئي ٿي.

ٻوليءَ جي اها به خصوصيت آهي، ته دنيا جي مختلف حصن جا ماڻهو جدا جدا ٻوليون ڳالهائين ٿا، ۽ انهن جي ٻولين ۾ وقت به وقت تاريخي ۽ ثقافتي حالتن جي ڪري تبديلي ايندي رهي ٿي، لسانيات جي نقطئه نگاهه ڪان زبان جي وصف بيان ڪندي هڪ ماهر ڄاڻايو آهي:

”ته زبان خودبخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو هڪ

ٻئي سان واهپو رکن ٿا، ۽ هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا." (١)

آمريڪا جي مشهور ماهرن بلاخ ۽ ٽرئگر (Bloch & Trager) جو رايو آهي تہ" زبان پاڻ مرادو قبول ڪيل آوازي علامتن جي هڪ تنظيم آهي، جنهن جي ذريعي هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان تعاون ڪن ٿا" (٢).

**ٻوليءَ جا لهجا:** ڪي ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي مختلف ملڪن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، ڪي وري اهڙيون آهن، جيڪي فقط هڪ ملڪ ۾ ڳالهيون وڃن ٿيون، ڪي وري قبيلن ۽ گروهن جون ٻوليون آهن. جيڪا ٻولي مختلف ملڪن يا هڪ ئي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ان ۾ علائقن جي لحاظ کان ٿورو گهڻو فرق ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري چوندا آهن:

"ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي."

ان هوندي بہ ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ سٽا ۽ ساخت جي لحاظ کان بنيادي فرق نہ ٿو ٿئي. جيڪڏهن اندروني سٽا جي لحاظ کان بنيادي فرق هوندو، تہ اها جدا ٻولي لکي ويندي. ساڳي ٻوليءَ جي جدا جدا علائقن جي مقامي لهجي کي انگريزي لسانيات ۾ (Dialect) سڏبو آهي، جنهن کي اسان لهجا، محاورا يا اپڀاشائون چوندا آهيون ملڪ جا مختلف پاڱا وري ڪن ٻين ٻولين وارن ملڪن

---

(١) علي نواز حاجن خان جتوئي: علم لسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌيونيورسٽي ١٩٨٣ع ص. ٩ بحوالہ

Edgar H. Stutevant: An Introduction to Linguistic Science

(٢) علم لسان ۽ سنڌي زبان، ص ٩ بحوالہ

B. Bloch & G.L Trager: Out line of Linguistic Analysis

يا علائقن سان دنگئي هوندا آهن. انهيءَ ڪري انهيءَ ڀاڱن جي لهجن تي پاڙيسري ٻولين جو اثر لازمي هوندو آهي. البت هڪ لهجي کي معياري لهجي جي حيثيت حاصل هوندي آهي، درسي ڪتاب به انهيءَ معياري لهجي ۾ لکيا ويندا آهن. انهيءَ ڪري ٻوليءَ ۾ يڪسانيت ۽ مرڪزيت قائم رهندي آهي.

**سنڌي ٻولي:** سنڌي زبان موجوده سنڌ صوبي کان سواءِ بلوچستان جي مختلف علائقن، جهڙوڪ لس ٻيلو، سبي وغيره ۾ به ڳالهائي وڃي ٿي، ته پنجاب جي ضلع رحيم يار خان ۾ به ڪن هنڌن تي ڳالهائي وڃي ٿي. ان کان سواءِ هندوستان جي علائقن راجستان، گجرات ۽ ڪڇ جي ڪن ڀاڱن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. نه فقط ايترو، پر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جيڪي ڪاٺياواڙي ميمڻ ۽ سنڌي هندو رهن ٿا، اهي به گهرن ۾ هڪ ٻئي سان سنڌي زبان ڳالهائين ٿا. البت انهن جي سنڌي زبان جو پنهنجو پنهنجو لهجو ٿئي ٿو.

**سنڌي زبان جون خصوصيتون:**

اندروني سٽا ۽ ساخت جي لحاظ کان سنڌي زبان جون پنهنجون خصوصيتون آهن، اهي هن طرح آهن:

١. سنڌي زبان جي لفظن جي لساني خصوصيت هيءَ آهي ته انهن جو آخري حرف ساڪن نه ٿو ٿئي. آخري حرف تي، زبر زير يا پيش ٿئي ٿو، مثلا

**زبر وارا لفظ:** ٻڪَ، اُڃَ، ڪَٽَ، رڪ وغيره.

**زير وارا لفظ :** باهِ، چُلهِ ۽ اڪِ، وغيره

پيش وارا لفظ : پَٽَرُ، هَٽُ، مَٽُ، ڪَنُ ۽ سُٽ وغيره.

هيءَ خصوصيت سرائيڪي، پنجابي ۽ اردو زبان ۾ ڪانهي. يعني انهن زبانن جي لفظن جو آخري حرف ساڪن ٿئي ٿو. البت سنڌي زبان جو اهو لهجو، جيڪو ميرپور ماٿيلو، ڏهرڪي ۽ اٻاوڙو تعلقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو، ۽ جيڪب آباد ضلعي جو سنڌي لهجو، جيڪو ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور ۾ ڳالهايو وڃي ٿو، انهن ۾ لفظن جو آخري حرف گهڻي قدر ساڪن ڪري ڳالهايو وڃي ٿو. ان جو سبب اهو آهي، جو هي علائقا، سرائڪي ٻوليءَ جي علائقي سان ڳانڍاپيل آهن.

٢. سنڌي زبان ۾ مذڪر ۽ مونث جو باقاعده نظام آهي. مذڪر، مؤنث موجب جملي جي فعل ۾ بہ گرداني ڦيرو ٿئي ٿو، مثلاً:

چوڪرو پڙهي ٿو.
چوڪري پڙهي ٿي.

واحد ۽ جمع جي خيال کان بہ فعل ۾ گرداني ڦيرو ٿئي ٿو، مثلاً:

چوڪرو پڙهي ٿو.
چوڪرا پڙهن ٿا.
چوڪري پڙهي ٿي.
چوڪريون پڙهن ٿيون.

٣. مذڪر ۽ مؤنث جي لحاظ کان زبان جو قاعدو هي آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي آخر ۾ پيش هوندو، تہ ان کي مذڪر

طور استعمال ڪيو ويندو، جيڪڏهن زير هوندي تہ ان کي مؤنث سمجهيو ويندو، مثلاً : لفظ "انبُ" " پٽ." هنن جي پوئين حرف تي جيئن تہ پيش آهي، انهيءَ ڪري هي مذڪر ليکجڻ ۾ ايندا. "و" پڇاڙي وارا لفظ بہ مذڪر ليکجن ٿا، مثلاً : "ڪارو، ٽوڪرو، گهوڙو، گاڏو، وغيره."

لفظ چانهہ، چُلهہ، جاءِ، جي پوئين حرف تي زير آهي، انهيءَ ڪري اهي مؤنث آهن. جنهن لفظ جي پڇاڙي ۾ (اي) ٿئي ٿي، اهي بہ مؤنث آهن، جهڙوڪ: گهٽي، ڪرسي، جمني، انبڙي، موري، پٽي، لڪڙي، وغيره."

جن لفظن جي پويان (ذير) اچي ٿي، اهي بہ گهڻو ڪري مؤنث ليکيا وڃن ٿا، مثلاً: "ڪٽَ، ميزَ، ڪلڪَ، ڪارڪَ وغيره.

ٻين ٻولين جا جيڪي لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿين ٿا، انهن سان بہ اهو قاعدو لاڳو ٿئي ٿو. يعني عربي، فارسي ۽ انگريزي زبان جي جن لفظن جي پويان پيشُ ڏئي استعمال ڪيون ٿا، اهي مذڪر ليکيا وڃن ٿا، مثلاً: ڪتابُ، قلمُ، گلُ، گلاسُ وغيره. جن لفظن جي پويان زير يا زبر ڏئي استعمال ڪيون ٿا، اهي مؤنث لکيا وڃن ٿا، جهڙوڪ: دل، سليٽَ، بوتلَ وغيره.

۴. مؤنث مذڪر جي انهيءَ قاعدي کان ڪي سنڌي لفظ مستثنيٰ بہ آهن. ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جن جي هيٺان زير اچي ٿي، پر اهي مذڪر سمجهيا وڃن ٿا، مثلاً: سيٽِ، ڪي لفظ اهڙا بہ آهن، جن جي پويان (پيش) اچي ٿو، پر اهي مونث سمجهيا وڃن ٿا، مثلاً : کنڊُ، ٽڄُ، ڪارُ، مَسُ، رَتُ وغيره. ڪي اهڙا لفظ آهن، جن جي پويان

(اي) اچي ٿي، پر اهي مذڪر لکيا وڃن ٿا، مثلاً : ماري، شڪاري، سوالي، هاري، پاٽي، موتي، ڌوٻي، حلوائي، نانوائي، بورچي، ينگي ۽ سخي. انهن لفظن جو مونث بنائڻ لاءِ (اي) بدران (ڻ) آندو ويندو آهي. مثلاً : ”سواليءَ“ مان ”سوالڻ“، ”ڌوٻيءَ“ مان ”ڌوٻڻ“ (يا ڌوٻياڻي)، ينگي مان ينگڻ (يا ينگياڻي)، وغيره.

ڪن ۾ وري (اي) جي بدران مؤنث بنائڻ لاءِ (ياڻي) پچاڙي آندي ويندي آهي، مثلاً : ”ڪڙمي“ مان ”ڪڙمياڻي“، هاري مان ”هارياڻي“ ”موچيءَ مان ”موچياڻي“، ينگيءَ مان ”ينگياڻي“، ڌوٻيءَ مان ”ڌوٻياڻي“ وغيره.

ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جن جي مذڪر جي صورت ۾ پوئين حرف جي (پيش) بدران مؤنث بنائڻ لاءِ (ڻي) پچاڙي آندي وڃي ٿي، مثلاً: ”فقيرُ“ مان ”فقيرياڻي“، ”ڊاڪٽرُ“ مان ”ڊاڪٽرياڻي“، ”امير“ مان ”اميرياڻي“.

٥ - اهي عربي لفظ جن جي پڇاڙي (ت) آهي، انهن کي جڏهن سنڌي زبان ۾ آندو ويندو آهي، تڏهن (ت) تي زير ڏيئي، انهن کي مونث ليکيو ويندو آهي، مثلاً : عزتَ، ذلتَ، ملتَ، حڪمتَ، قدرتَ، حقيقتَ، نصيحتَ، صلاحيتَ وغيره.

٦- واحد - عربي لحاظ کان قاعدو هي آهي، تہ جن لفظن جي آخر ۾ واحد جي صورت ۾ (پيش) هوندو آهي، انهي کي جمع بنائڻ لاءِ (پيش) جي جاءِ تي (زبر) ڏني ويندي آهي، مثلاً : ”انبُ“ مان ”انبَ“، ”گهرُ“، مان ”گهرَ“، ”قلمُ“ مان ”قلمَ“ ”هرُ“ مان ”هرَ“، ”گلاسُ“ مان ”گلاسَ“، ”گلُ“ مان ”گلَ“ وغيره.

جن لفظن جي آخري حرف تي (زبر) هوندي، انهن جو جڏهن جمع بنايو ويندو تڏهن لفظ جي پويان (آن) يا (اون)، پڇاڙي ملائي ويندي، اهڙي حالت ۾ معياري ۽ لاڙي محاوري ۾ (اون) ۽ اتراڏي محاوري ۾ (آن) پڇاڙي اچي ٿي، مثلاً :

"ڪَٽ" مان "ڪٽون" (لاڙي)، ۽ "ڪٽان" (اتراڏي)

"سرَ" مان سرون (لاڙي) ۽ "سِرانَ" (اتراڏي)

"ڪڏ" مان ڪڏونُ (لاڙي) ۽ "ڪڏانَ" (اتراڏي)

"ڄنگهہ" مان "ڄنگهون" (لاڙي) ۽ "ڄنگهان" (اتراڏي)

"ٻانهن" مان "ٻانهون" (لاڙي) ۽ "ٻانهان" (اتراڏي)

جن "واحد" لفظن ۾ (زير) ايندي، انهن لفظن کي جمع جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ "اُتراڏي"توڙي "لاڙي" محاورن ۾ (يون) پڇاڙي ايندي، مثلاً:

"اکِ" مان "اکيون" " ڳالهہ" مان "ڳالهيون"، "مکِ" مان "ماکيون" وغيره. جن لفظن جي پويان (اي) آهي، انهن کي بہ جمع ۾ آڻڻ لاءِ (يون) پڇاڙي ايندي، مثلاً: "ڪجي" مان "ڪجيون"، "ساڙهي" مان "ساڙهيون"، "ڪاتي" مان "ڪاتيون"، "ڪهاڙي" مان "ڪُهاڙيون"، "ڪاري" مان "ڪاريون" وغيره.

٧. سنڌي زبان ۾ صفت، اسم جي اڳيان اچي ٿي ۽ عدد ۽ جنس جي تبديليءَ جي ڪري صفت ۾ بہ ڦيرو اچي ٿو. مثلاً:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ١. چڱو گهوڙو | چڱا گهوڙا |
| ٢. چڱي گهوڙي | چڱيون گهوڙيون |

٨. "ضمير" لفظ هر حالت ۾ اڪيلو اچي ٿو، ضمير اشارو قريب يا اشارو بعيد جملي جي شروع ۾ اچن ٿا. (جو) حرف اضافت وارا ضمير، اسم کان اڳ اچن ٿا، مثلاً.

"منهنجو گهر"، "اسان جا ڪتاب"، "تنهنجو گل"، "هُنَ جو ڪتاب"، ضمير استفهام (جهڙوڪ : ڇا، ڪير، ڪهڙو، ڪنهن، ڪُجاڙو)، ضمير اشارو قريب ۽ بعيد ٿي فعل کان اڳ ۾ اچي ٿو مثلاً:

"هي ڇا آهي؟، هوڪير آهي؟ ، توکي ڇا کپي؟، ڪنهن ڳالهايو؟، ڪير آيو؟، "

٩. مؤنث ـ مذکر، واحد ـ جمع جي مختلف صورتن ۾ فعلي صورتون بہ بدلجن ٿيون. فعل جملي جي آخر ۾ اچي ٿو.

انهن کان سواءِ سنڌي زبان جون ٻيون بہ خصوصيتون آهن، جن جو تفصيل طوالت جو باعث ٿيندو.

**باب ٻيو**

# شڪارپور جو تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر

”شڪارپور“ شهر سنه ٢٦ - ١ - (١٦١٧ع) ۾ دائود پوٽن آباد ڪيو، ۽ شڪارپور علائقي تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سنڌ جي ٻين حصن تي ڪلهوڙا پنهنجي حڪومت قائم ڪري ويا هئا. ميان يار محمد ڪلهوڙي، شڪارپور جي آزاد حڪومت کي هٿ ڪرڻ لاءِ شڪارپور جي حاڪم امير مبارڪ خان دائود پوٽي تي حملو ڪيو. لڙائي لڳي پر پوءِ لڙائي صلح ۾ ختم ٿي، سنه ١٧١٨ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙو مسندنشين ٿيو. هن امير مبارڪ کان شڪارپور وارو علائقو حاصل ڪرڻ جي طلب ڪئي، جنهن کي امير مبارڪ خان رد ڪري ڇڏيو. ميان نور محمد شڪارپور تي حملو ڪيو، جيڪو امير مبارڪ خان پسپا ڪري ڇڏيو. سنه ١٧٢٦ع ۾ امير مبارڪ خان وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس فرزند امير محمد صادق خان جانشين ٿيو. هن ڪلهوڙن سان تعلقات درست ڪرڻ لاءِ ميان نور محمد ڏانهن سفارت موڪلي، پر ميان سندس آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو.

ميان نور محمد پنهنجي ڀاءُ محمد خان جي سرڪردگيءَ ۾ وڏي فوج، دائودپوٽن تي چاڙهي موڪلي. امير محمد صادق خان مقابلي جو ست ساري نه سگهيو ۽ شڪارپور ڇڏي، موجوده بهاولپور ۽ ديره غازي خان جي مختلف شهرن مان هڪ هنڌان ٻي هنڌ ڦرندو رهيو، جاڪاڻ جو ميان نور محمد کيس ڪٿي به آرام سان ويهڻ نه

تي ڏنو. آخر نئون شهر ”الله آباد“ قائم ڪري اتي ويهي رهيو. ميان نورمحمد ڪيس اتي به سک سان رهڻ نه ڏنو. بهرحال هن موجوده بهاولپور واري علائقي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي. انهيءَ زماني ۾ نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو، ۽ ميان نور محمد کي شڪست ڏني، سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي، ٽن ماڻهن کي ڏني.

١ - ميان نور محمد ڪلهوڙي کي ٺٽو ۽ هيٺين سنڌ.

٢- امير محمد صادق دائود پوٽي کي شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ سيوستان.

٣- محبت خان بلوچ کي موجوده بلوچستان جي ناڙي وارو علائقو.

انهيءَ فيصلي موجب امير صادق محمد خان اهل ۽ عيال وٺي اچي شڪارپور ۾ رهيو ۽ بهاولپور ۾ پنهنجي فرزند بهاول خان کي قائم مقام مقرر ڪيائين. ميان نورمحمد پنهنجي حالت بهتر بنائي، نادر شاهه جي مقرر ڪيل عيوضي مرزا عسڪري سان ساز باز ڪري، شڪارپور تي حملو ڪيو. لڙائي لڳي، جنهن ۾ امير محمد صادق خان مارجي ويو. اهو واقعو سنه ١٧۴٦ع ۾ ٿيو. ان کان پوءِ شڪارپور تي دائودپوٽن جو اقتدار ختم ٿي ويو،۽ ڪلهوڙن جو قبضو ٿيو.

ٿالپرن جي ڏينهن ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ تي حملو ڪيو، هو بکر ۽ شڪارپور کي افغانستان سان ملائي ويو، ۽ شڪارپور تي پنهنجي طرفان نواب صديق خان کي نواب مقرر ڪيائين. اهڙيءَ طرح شڪارپور تي افغانن جو قبضو ٿيو.

شڪارپور جو علائقو چانڊڪي (لاڙڪاڻي)، پرڳڻي سان دنگئي

هو، جيڪو ٽالپرن جي حڪومت جي حدن ۾ هو. سنہ ١٢١١ع کان ١٢١٧ ھہ (١٧٩٦ع کان ١٨٠٢ع) واري دور ۾ نواب ولي خان لغاري چانڊڪي پرڳڻي جو گورنر هو. هن شڪارپور علائقي جي افغان سپاهين جي ڇڙواڳي، کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ ڳڙهي ياسين لڳ "نوشهرو ابڙو" ڳوٺ ۾ پنهنجو سرڪاري ديرو قائم ڪيو، ۽ ان کي ڪوٽ ڏياري مضبوط ڪيو. هن ديري وٽان هن پنهنجي مالي ۽ فوجداري انتظام جون حدون وڌايون، تان جو باقي شڪارپور شهر ۽ ان جي پسگردائي وچي افغانن لاءِ ڇڏيائين.

١٨٢٣ع ۾ ٽالپرن جي حڪومت جي زماني ۾، مير غلام علي ٽالپر، مير سهراب خان جي مدد سان شڪارپور تي حملو ڪيو ۽ ان تي قبضو ڪيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪابل جو حڪمران شاهہ شجاع سنڌ تي ڪاهي آيو، پر ٽالپرن سان سنڌس صلح تي ويو، ۽ هو موٽي هليو ويو. انن سالن کان پوءِ فتح خان بارڪزئي شاهہ شجاع کي لوڏي ڪڍيو ۽ هو اچي شڪارپور ۾ پناهہ گزين ٿيو. هو ڪيترو وقت شڪارپور ۾ رهيو پيو هو، تہ ائين ڪندي شاهہ شجاع جو ٻيو دشمن دوست محمد خان، شاهہ شجاع کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو. مير ڪرم علي خان لاڙڪاڻي وٽ سنڌس مقابلو ڪيو، پر جلد ئي پاڻ ۾ صلح ڪيائون. ٽالپرن وعدو ڪيو، تہ هو شاهہ شجاع کي سنڌ ۾ رهڻ نہ ڏيندا. ان کان پوءِ ٽالپرن حرفت هلائي، شاهہ کي پنجاب روانو ڪري ڇڏيو. مير علي مراد خان ٽالپر جي زماني ۾ شاهہ شجاع وري ٻيهر شڪارپور ۾ آيو، ۽ ٽالپرن طرفان مقرر ڪيل صوبيدار ڪاظم خان کي لاهي پاڻ

شڪارپور تي قبضو ڪري ويهي رهيو. ٽالپرن کي جڏهن خبر پئي، تڏهن هنن وري اتڪل هلائي، شاهہ شجاع کي ڪڍي ڇڏيو، ۽ هو وڃي لڌيانہ ۾ انگريزن وٽ رهيو.

افغان لڙائي وقت ٽالپرن جي اجازت سان انگريزن جو لشڪر شڪارپور وٽان لنگهيو. آخر ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ انگريزن، سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو: شڪاپور، حيدرآباد، ڪراچي. قديم زماني ۾ شڪارپور وارو علائقو، موجوده شڪارپور، لکي ۽ خانپور تعلقن ۽ ڳڙهي ياسين تعلقي جي وڏي حصي ۽ موجوده جيڪب آباد ضلعي جي هڪ حصي تي مشتمل هو. انگريزن جي اوائلي زماني ۾ وري شڪارپور ضلعي ۾ موجوده شڪارپور، جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ضلعا ۽ دادو ضلعي جو ٽيون حصو اچي ٿي ويا، ١٩٠١ع ۾ شڪارپور جي ضلعي حيثيت ختم ڪئي وئي. شڪارپور جي موجوده ضلعي ۾ چار تعلقا آهن. شڪارپور، لکي، ڳڙهي ياسين ۽ خانپور.

## شڪارپور جي اهميت ۽ وڻج ـ واپار واري حيثيت:

شڪارپور جو شهر انهيءَ عظيم شاهراهہ جي لڳ واقع آهي، جيڪا بولان لڪ کان اچي سنڌو درياءَ تائين پهچي ٿي. انهيءَ ئي رستي سان قديم بابل جون قومون هتي آيون، ۽ شهر آباد ڪري ويهي رهيون. هي قومون عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ هتي پهتيون. انهن ڏينهن ۾ موجوده شڪارپور جو شهر تہ ڪو نہ هو، پر ان جي پرسان ماڙي ۽ لکي نالي شهر موجود هئا، جيڪي هينئر ڳوٺن جي صورت ۾ آهن. بولان لڪ کان رستو ماڙيءَ تائين ايندو

هو. اتان ٻہ رستا ڦٽندا هئا، هڪ رستو لڪي ۽ فراش ڳوٺ کان ٿيندو سکر بکر تائين ايندو هو. ان کان پوءِ اهو رستو درياءَ ٽپي اروڙ تائين ويندو هو، جتان وري هڪ رستو مٿي ملتان ويندو هو ۽ ٻيو هيٺ ديبل (ڀنڀور) تائين ويندو هو. ماڙيءَ وٽان ٻيو رستو جهڪر، موهن جو دڙو، سيوهڻ ۽ آمري کان ٿيندو (ديبل) ڀنڀور تائين ويندوهو. لاڙڪاڻو شهر اڃا آباد نہ ٿيو هو. البت "ماهوٽا"، ڳوٺ موجود هو. ان رستي سان سنڌ ۾ وقت بوقت کيترين ئي قومون ٻاهران آيون آهن.

شڪارپور جي شهر آباد ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ رستي سان واپاري قافلا شڪارپور ايندا رهيا، ۽ شڪارپور جي خوشحاليءَ جو باعث بڻيا. واپاري سهولتن جي ڪري کيترائي هندو ملتان مان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيا. خاص طرح سان اروڙ جون کيتريون شاخون دائودپوٽن ۽ ڪلهوڙن جي زماني ۾ هتي اچي آباد ٿيون. اروڙ ونسي اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو هئا. پوءِ ملتان ۽ پنجاب جي ٻين شهرن ۾ لڏي وڃي ويٺا. جڏهن هو شڪارپور اچي رهيا، تہ پهريائين پاڻ ۾ سرائڪي ڳالهائيندا هئا. ڪجهہ وقت کان پوءِ سرائڪي ڇڏي، گهرن ۾ بہ سنڌي ڳالهائڻ لڳا. شڪارپور ۾ اروڙ ونسين جون جيڪي ذاتيون اچي رهيون، انهن مان ڪجهہ هي آهن :

آهوجا، بجاج، جماڻي،چاولا، چاٻڙيا، جيٺملاڻي، راجپال، ڪٽر، گانڌي، للا، ماٽا وغيره. شڪارپور جا ڀاٽيا وري ڪڇ ۽ جسلمير کان اچي هتي آباد ٿيا. ڪي هندو آکيون قلات کان اچي هتي رهيون.

شڪارپور جا مسلمان آس پاس جي شهرن، جهڙوڪ: لکي،

ماڙي وغيره ڳوٺن مان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيا. ڪي گهراڻا ناڙي ـ ڪيچي، قلات مان به لڏي اچي هتي ويٺا. ميمڻن جي آکهين مان ڪي گمبٽ، دودائي، (لاڙڪاڻو ضلعو)، ماڙي ۽ لکي (شڪارپور ضلعو) مان لڏي اچي هتي رهيا. افغانن جي اقتدار جي زماني ۾ ڪيترا افغان قبيلا چڱي تعداد ۾ اچي شڪارپور ۾ رهيا. شڪارپور شهر کان سواءِ شڪارپور علائقي جي ٻين ڳوٺن جهڙوڪ: لکي، ماڙي، ڳڙهي ياسين، مدئجي وغيره ۾ به افغان قبيلا اچي رهيا، ۽ اتي کين زمينون ۽ جاگيرون ڏنيون ويون. ڪيترائي عالم ۽ فاضل به هتي اچي رهيا. علوي خاندان جو وڏو ڏاڏو شاهه فقيرالله علوي افغانستان کان لڏي اچي هتي رهيو، سرهندي بزرگ به آيا، اُن کان به ڪي بزرگ لڏي اچي هتي مقيم ٿيا.

اهوئي سبب آهي، جو هتي جي سنڌي ٻوليءَ تي فارسي ۽ سرائڪي زبانن جو ڪجهه اثر پيو ۽ شڪارپور شهر جي سنڌي لهجي هڪ منفرد ۽ شائسته صورت اختيار ڪئي. شڪارپور شهر جي تهذيب سڄيءَ سنڌ کان منفرد صورت اختيار ڪئي. نفاست، لطافت، شائستگي ۽ انفراديت شڪارپور شهر جون بنيادي خصوصيتون ٿي پيون. ڪيترن ئي سياحن شڪارپور شهر جي خوشحالي، سر سبزي، وڻج واپار، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي تعريف ڪئي آهي. هڪ انگريز سياح ميسن لکي ٿو:

”شڪارپور، خوشحال ۽ شاهوڪار شهر آهي. ان ۾ وڏو واپار هلي ٿو ۽ اتي جي واپارين جو سڄي مشرق جي مختلف شهرن سان واپاري تعلق آهي.“

"آرٿر ڪولوني" هڪ آئرش آفيسر هو، هو گهوڙن جي واپارين سان گڏجي پناڻ جو بيک بنائي، ڊسمبر ١٨٨٣ع ۾ سنڌ آيو. هو شڪارپور ۾ آيو، شڪارپور جي هندو سيٺين بابت لکي ٿو:

" شڪارپور جا سيٺيون سڀ هندو آهن، ۽ انهن جو واپار ڪيترن ئي ملڪن سان هلي ٿو. هو ڏاڍا چالاڪ آهن، ۽ سنڌي کان سواءِ پشتو، بلوچي، پارسي، ۽ هندستاني ٻولين رواني سان ڳلهائي سگهن ٿا. هو خوش پوش ۽ مهذب آهن"

شڪارپور شهر جون اهي خوبيون ۽ خصوصيتون، شڪارپور شهر جي سنڌي ٻوليءَ تي به اثر انداز ٿيون،۽ ڳالهائڻ جي انداز هڪ منفرد صورت اختيار ڪئي. شڪارپور جا ماڻهو ڳورا لفظ، ۽ ٻهراڙيءَ جا ٺيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن. سندن ڳالهائڻ ۾ رس رچاءُ، مٺاج هوندو هو، ۽ لطافت شائستگي ۽ نفاست سندن لهجي جون خاص خوبيون آهن. هو پنهنجي تهذيب ۽ ڳالهائڻ جي انداز ۽ لهجي تي فخر ڪندا آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لهجي کي پنهنجي لهجي جو مٽ نه سمجهندا آهن. ايتري قدر جو ماضي قريب ۾ هو شڪارپور جي پسگردائيءَ جي ڳوٺاڻن جي ڳالهائڻ تي به طنز ڪندا هئا. اهڙي نموني جيئن لکنو جا رهاڪو، لکنو جي اردو تي ناز ڪندا آهن.

منهنجو ڳوٺ "ماڙي"، شڪارپور شهر کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. آءٌ جڏهن شڪارپور جي نيو ايريا هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ آيس، ته شڪارپوري شاگرد اسان ڳوٺاڻن جي ڳالهائڻ جي انداز تي کلندا هئا. هڪ دفعي مون چيو:

"فلاڻي شيءِ آڻائڻي آهي"

ان تي هڪ شڪارپوري شاگرد چوڻ لڳو: جتڪي نموني ٿو ڳالهائين، چوءِ تہ "فلاڻي شيءِ گهرائڻي آهي." اهڙيءَ طرح ان نموني جا ڪي ٻيا لفظ اسان جي گفتگو ۾ ايندا هئا، تہ اسان تي کلندا هئا. بهرحال شڪارپور شهر جي ٻولي ميٺاج واري آهي، ۽ شهر جو محاورو پنهنجي، ٺي علائقي کان وڌيڪ فصيح آهي. شڪارپور جي ڀرارڙي ۽ شهر جي محاورن ۾ لفظن جي استعمال ۽ ڳالهائڻ جي انداز ۾ ڪجهہ قدر فرق آهي. شهر جي لهجي ۾ غير فصيح، غير مانوس، ۽ ڀرارڙيءَ جا ٺيٺ سنڌي لفظ گهٽي قدر ڪتب ڪونہ ايندا آهن. ڳالهائڻ جي ڍار ۾ بہ ميٺاج هوندو آهي. هو ڳالهائڻ ۾ ميٺاج پيدا ڪرڻ لاءِ "مَن" "دل"، "منڙا" ۽ اهڙي قسم جا ٻيا لفظ ڪتب آڻيندا آهن. هو ش، ڇ. غ، ق ۽ خ جو اچار بہ گهٽي قدر صحيح ڪيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو شڪارپوري لهجو ائين آهي، جيئن مصري جون ٽڙون،ڪاڪي ڀيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ لکيو آهي: "ٻولي تہ شڪارپور جي، جهڙي آهي سپڪ ۽ سوادي، تهڙي آهي منڙي ۽ رسيلي. واهہ جو منجهس ميٺاج آهي. انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻئي ڪهڙي بہ هنڌ جي ٻولي ميٺاج ۾ مٽ پئجي نہ سگهندي" (ص ٩٩). ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي ڀرارڙيءَ جا ماڻهو اچي شڪارپور ۾ رهيا آهن. ان هوندي بہ اصلوڪن رهاڪن جي ٻوليءَ ۾ اهي ئي خوبيون ۽ خصوصيتون موجود آهن.

جيتوڻيڪ شڪارپور شهر جو محاورو منفرد آهي. ان هوندي بہ

جڏهن اسين لساني لحاظ کان موجوده شڪارپور، جيڪب آباد ۽ سکر ضلعن جي محاورن ۽ بلوچستان جي ڪڇي ناڙي، سبي، ڪوهلو ۽ بارکان علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو وٺون ٿا، ته معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ اهو يڪو هڪڙو علائقو هو، ۽ انهن جي سنڌي ٻوليءَجو لهجو به هڪ جهڙو هو. جيئن جيئن بارکان ڪو هلو، سبي ۽ ناڙي ڪڇي علائقن ۾ بروهي ۽ بلوچ قومون اچي آباد ٿيون ۽ اهي علائقا سياسي لحاظ کان به سنڌ کان ڪٽجي ويا، تڏهن اتي ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ ۾ فرق اچي ويو. انهيءَ ڪري اتي جي سنڌي ٻوليءَ جدا جدا لهجن جي صورت اختيار ڪئي، جن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

جيڪب آباد ضلعي واري علائقي ۾ بلوچ، قومون وڏي تعداد ۾ اچي آباد ٿيون. انهيءَ ڪري جيڪب آباد لهجي ۾ به شڪارپوري لهجي بنسبت فرق اچي ويو . موجوده سکر ضلعي جي گهوٽڪي- اٻاوڙو واري علائقي ۾ وري سرائڪي علائقي جا ماڻهو اچي آباد ٿيا، انهيءَ ڪري اُتي جي سنڌي ٻوليءَ ۾ به فرق اچي ويو. ان هوندي به ڏٺو وڃي ته انهن ٽنهي لهجن جون بنيادي لساني خصوصيتون ڪجهه قدر ساڳيون آهن، جيڪي موجوده شڪارپور شهر ۽شڪارپور ضلعي جي محاوري جون آهن.

هينئر شڪارپوري لهجو لڳ ڀڳ شڪارپور ضلعي ۾ مستعمل آهي ۽ لساني لحاظ کان اهوگهڻي قدر سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن جي لهجن ۽ ڪڇي، ناڙي جي جڳدالي لهجي سان مطابقت رکي ٿو. البت سبيءَ جو فراڪي لهجو، بار کان ۽ ڪوهلو جا لهجا ۽ ايي جو

لهجو کن ساڳين خاصيتن سان گڏ گهٽو بدليل آهي.

سريلي محاوري ۾ ذکر ڪيل لهجن کان سواءِ لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعن جا لهجا بہ ا چي وڃن ٿا. پر انهن لهجن ۽ شڪارپوري لهجي ۾ ٿورو گهٽو فرق موجود آهي. مجموعي طرح سريلي محاوري جي سمورن لهجن ۾ هڪ جهڙيون خصوصيتون بہ آهن.

## باب ٽيون

# شڪارپوري محاوري جو لساني جائزو

علم لسان جي لحاظ کان آواز ٻن قسمن جا آهن: سر آواز ۽ وينجن، جن کي گرامر موجب حروف علت ۽ حروف صحيح چيو وڃي ٿو. علم لسان ۾ آوازن جي انهن ٻنهي قسمن کي گڏيل نالو صوتيات (Phonology) ڏنو ويو آهي. هن هيٺ شڪارپوري محاوري جو لساني جائزو پيش ڪجي ٿو:

سر آواز ۽ وينجن: جڏهن اسين پيٽ ڇهہَ جي مدد سان ٻاهر زور سان هوا ڪڍون ٿا، تڏهن، اها آوازي ڦڙڪن جي وچان نڙگهٽ مان نڪ ۽ وات جي رستي ٻاهر نڪري ٿي ۽ آواز پيدا ڪري ٿي. هوا جو گذر روڪ رنڊڪ بنان به ٿئي ٿو، تہ روڪ رنڊڪ سان بہ. جيڪي آواز هوا جي روڪ رنڊڪ بنا پيدا ٿين ٿا، انهن کي صوتيات ۾ سر آواز (Vowels) سڏجي ٿو. جيڪي آواز روڪ رنڊڪ سان پيدا ٿين ٿا، انهن کي وينجن (Consonants) سڏيو وڃي ٿو. سر ۽ وينجن لفظ سنسڪرت مان آيا آهن، انهن مان وينجن کي عربي ۾ "مصوَت" "مُصَمت" سڏجي ٿو. جيڪي اکر "مصوت" آوازن لاءِ ڪتب آڻجن ٿا، انهنکي حرف علت سڏجي ٿو، ۽ جيڪي حرف "مصمت" آواز ن لاءِ استعمال ٿين ٿا، انهن کي حرف صحيح سڏجي ٿو. اهي اکر يا حرف آوازن جا تحريري نمائندا آهن." (١)

سنڌي سر آواز: سنڌي زبان جا سر آواز هي آهن.

آ – آ– اِ– اِي– اي– آي– اُو– او– اُ– آو .

---

(١) علم لسان ۽ سنڌي زبان، ص ٣٧، ٤٣.

هي "سر آواز"هڪ سرا آواز (Monothongs) آهن. انهن کان سواءِ گڏيل سر(Mined Vowels) بہ ٽين ٽا. جيڪڏهن بہ سر اهڙيءَ طرح ادا ڪيا وڃن، جو زبان هڪ سر جي مخرج ڏانهن ايري، بيهڪ بنان هڪدم ٻئي سر جي مخرج ڏانهن وڃي، ان کي اچاري، تڏهن اهڙي گڏيل سر کي بہ سِرو، آواز سڏبو آهي، جهڙوڪ: آئي– آئو.

جيڪڏهن بہ سر اهڙيءَ طرح اچارجن، جو پهريون سر پوريءَ طرح ادا ڪري، پوءِ ٻيو سر ادا ڪجي، تہ اهو مرڪب (Compound) آواز ٿيندو. مثلاً لفظ "چئوس" ۾ پهريون سر آواز "اَ" (چ – جي مٿان "زبر")جو آواز پوريءَ طرح ادا ڪري، پوءِ (او) جو آواز ادا ڪجي ٿو. اتي بہ سر ڌار ڌار آهن. انهيءَ ڪري انهن کي بہ سرو (Diphthong) نہ سڏبو. البت، ٽئي، ڪاءِ، لاءِ، پوءِ، پيءُ، سيءُ، سوءَ لفظن جي آخر ۾ بہ سرو آواز آهي. سنڌي لفظن جي آخر ۾ جيڪڏهن همزو ايندو، تہ پوءِ ان جو آواز اڳئين سر آواز سان ملي بہ سرو آواز ٺاهيندو.(۱)

شڪارپوري محاوري ۾ مٿي ڄاڻايل سمورا "هڪ سرا آواز" " بہ سرا آواز ۽" "مرڪب آواز" موجود آهن. البت ايترو آهي تہ ڪن ڪن لفظن ۾ معياري محاوري جي ڀيٽ ۾ شڪارپوري محاوري ۾ سر آواز بدلجن ٿا. انهيءَ تبديلي جو تفصيل ڏجي ٿو:

| شڪارپوري لهجو | معياري لهجو | تبديلي |
|---|---|---|
| جَنِ | جِنِ | زبر کي زير ۾ بدلايو وڃي ٿو. |
| ڪَنِ | ڪِنِ | ايضا |

(۱) علم لسان ۽ سنڌي زبان. ص ۳۷، ۴۴.

سر آواز جي تبديلي جا ٻہ ڪيترا مثال ملن ٿا، جن جو تفصيل هيٺ ڏيندو.

وينجن: "حرف صحيح" وينجن آوازن جا تحريري نمائندا آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻاونجاهہ حرف آهن. انهن مان "الف" سر آواز جي علامت آهي. /و/ ۽ /ي/ نيم سر آهن. اهي ڪڏهن "سر آواز" جي علامت لاءِ ٻہ اچن ٿا، جيئن، منهنجو، تنهنجو، اُهو، ۾ /و/ سر آواز جي علامت ٿي آيو آهي. وَڄڻ، وَريام، ويساهہ، ۾ (و) وينجن ٿي آيو آهي. ڪي ۽ مٿي ۾ "ي" سر آواز جي علامت ٿي آيو آهي. يعقوب ۽ يار ۾ (ي) وينجن جي علامت ٿي آيو آهي.

وينجن مان ڪي هلڪا آواز آهن، جيئن: پ - ب - ت - ٿ - ڊ - چ - ج - ڪ - گ - ٻ - ڏ - ڄ - ڳ - م - ن - ڻ - ڃ - ڱ - ل - ر - ڙ - س - ز - ش - ي - خ - غ - ھ - انهن کي اوسرگ آواز چيو وڃي ٿو. ڪي وينجن ڳورا آهن، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ (ھ) اهڙيءَ طرح ملي وئي آهي، جو اهو هڪ آواز ٿي ويو آهي. انهن کي "وسرگ" آواز چئجي ٿو. مثلا:

(پ) جو وسرگ (ڦ)
(ب) جو وسرگ (ڀ)
(ت) جو وسرگ (ٿ)
(ٽ) جو وسرگ (ٺ)
(ڊ) جو وسرگ (ڍ)
(چ) جو وسرگ (ڇ)
(ج) جو وسرگ (جھ)

(ڪ) جو وسرگ ( ک)
(گ) جو وسرگ (گھہ)

اهي وسرگ آواز يعني ق ـ پ ـ ٽ ـ ٿ ـ ڍ ـ ڃ ـ جهہ ـ ک ۽ گهہ، سنڌي صورتخطي ۾ موجود آهن. پر ڪي اهڙا وسرگ آواز بہ آهن، جيڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪونهن. لڪڻ وقت انهن جي اوسرگ اوازن ۾ (هہ) گڏي لکيا ويندا آهن.

اهي هي آهن :

(م) جو وسرگ (مهہ) مثال: سامُهون
(ل) جو وسرگ (لهہ) مثال: ڳالهہ ـ مالهہ
(ن) جو وسرگ (نهہ) مثال سنهو ـ ٻانهو ڪونهي ڪانهي ـ انهن
(ڻ) جو وسرگ (ڻهہ) مثال : ماڻهو
(ڏ) جو وسرگ (ڏهہ) مثال : ڪَڏهن ـ تڏهن ـ تَڏَهن ـ چوڏهن
(ر) جو وسرگ (رهہ) مثال: ٻارهو ـ يارهون ـ ٻارهون ـ تيرهون ـ
(ڙ) جو وسرگ (ڙهہ) مثال : ڳاڙهو ـ ڳوڙهو ـ
(و) جو وسرگ (وهہ) مثال: توهين ـ اوهين

هي سمورا وسرگ آواز شڪارپوري لهجي ۾ موجود آهن. البت لاڙي، ڪڇي ۽ ڪن ٻين محاورن ۾ ڪن وسرگ آواز بدران انهن جا اوسرگ آواز استعمال ٿين ٿا. اهي وسرگ، شڪارپوري محاوري سان گڏ ٻين سريلي محاورن ۾ بہ ڪتب آندا وڃن ٿا :

| معياري | شڪارپوري | لاڙي | ڪڇي |
|---|---|---|---|
| ڳالهہ | ڳالهہ | ڳال | ڳال |
| ٻانهو | ٻانهو | ٻانو | ٻانو |

هي آهن : ٺ ـ ٽر ـ ڊ ـ ڊر ـ ڏ ـ ڏر ـ ٺ ـ ٽر. ان جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ٺ : پَٽُ (ريشم)، پَٽُ (زمين جو ٽڪرو) ـ ڪَٽَ ـ مَٽُ ـ ڪٽاڻ ـ ڳَٽُ ـ سَٽَ ـ ٽر: پُٽر، سٽُر، سِسٽرَ ـ سِسٽرا ـ سِٽر ـ مائٽر ـ ڪٽري ـ ڪاٽر ـ آڳاٽرو ـ ڏاٽرو.

ڊ: ڪُنڊُ ـ ڪنڊو ـ منڊو ـ ڏنڊو

ڊر: ڪنڊُر ـ منڊُر ـ ٽِنڊَر ـ ڊَراهڻ ـ ڊُرڪائڻ ـ ڊروهه

ڏ: ڏَرو ـ ڏور

ڏر: ڏَرءُ ـ رَوَڏَر ـ واڏر (رسو-نوڙي)،

ٺ : سٺ ـ ماٺ ـ ڪاٺ ـ ٺڪر

ٽر: سٽرو ـ سٽُرا ـ سٽُريُون ـ اوٽرو (خراب)

فارسي ۽ عربي آوازن جا نمائندا حرف به سنڌي صورتخطيءَ ۾ موجود آهن، جهڙوڪ: خ ـ ف ـ ق ـ ع ـ غ ـ ص ـ ض ـ ط ـ ظ ـ ذ ـ ش. سنڌي زبان جي سيني محاورن ۾ انهن آوازن مان هينيان آواز سنڌي آوازن ۾ اچاريا وڃن ٿا:

(ص) ڪي (س)- (ع) ڪي (الف) (ض) ڪي (ظ) ۽ (ذ) ڪي (ز)، (ط) ڪي (ت) - (ق) ڪي (ڪ) خ- ڪي ڪ ڪري اچاريو وڃي ٿو، ۽ (غ) ڪي (ڪ)

لاڙڪاڻي ضلعي جا رهاڪو (غ) ڪي (گ) ۽ (خ) ڪي (ڪ) ڪري اچاريندا آهن. چوندا آهن: باگ (باغ)، گزل (غزل) مگز (مغز) شڪارپوري (غ) ڪڏهن به (گ) ڪري نه اچاريندا آهن. هو غزل، باغ، مغز ۽ خلق، خبر چوندا. نه فقط ايترو، پر شڪارپور جا گهڻا ماڻهو (ق) جو به صحيح اچار ڪيندا آهن.

لاڙڪائي جا ماڻهو (ف) ۽ (ق) (ش) ۽ (چ) ۾ بہ اَدل بدل ڪندا آهن، مثلاً :

"مڇي"، بدران چوندا "مَشي"، "ڇوڪرو" بدران چوندا "شوڪرو" "شڪارپور" بدران چوندا "ڇڪارپور"، شاعر بدران چوندا "چائر"، "فقير" بدران چوندا "ڦڪير"، "فانوسو" چوندا "ڦانوسو."

ڪڏهن ڪڏهن (ق) بدران وري چوندا (ف)، مثلا: "فيٽو" (ڦيٽو).

شڪارپور جا رهواسي اها، اَدل بدل ڪونہ ڪن. هو مڇي، ڇوڪرو، شڪارپور، شاعر، فقير، ڦيٽو، صحيح نموني اچاريندا.

مطلب تہ شڪارپوري لهجي وارا سنڌي زبان، توڙي فارسيءَ عربي زبان جا آواز صحيح نموني اچارين ٿا. نہ فقط ايترو، پر سمورا وسرگ آواز استعمال ڪن ٿا. ڪي وسرگ آواز تہ معياري محاوري ۾ بہ ڪونهن، پر شڪارپوري محاوري ۾ موجود آهن، جهڙوڪ: (ڏهہ) (رهہ) ۽ (وهہ) انهن ڪان سواءِ (ر) جي جزوي ادغام وارا اچار آواز شڪارپوري لهجي ۾ موجود آهن. جهڙوڪ: (ٽر)، (ڊر) (ڍر) ۽ (ٺر) اهي آواز لاڙي، معياري ۽ ٻين ڪيترن محاورن ۾ استعمال ڪونہ ٿا ٿين، (ڍر) ۽ (اٺر) آواز تہ شڪارپوري محاوري ڪان سواءِ "سريلي" جي ٻي ڪنهن بہ محاوري ۾ استعمال ڪونہ ٿا ٿين.

شڪارپوري لهجي جي مذڪور لساني جائزي موجب سنڌي صورتخطيءَ ۾ هيٺين آوازن لاءِ حرف شامل ڪري سگهجن ٿا:

مهہ - لهہ - نهہ - ٽهہ - ڏهہ - رهہ - ڙهہ - وهہ - ٽر - ڊر - ڍر - ٺر.

البت ايترو آهي تہ اهو هن وقت ممڪن ڪونهي.

شڪارپور علائقي جي عوامي لهجي ۾ ڪي وينجن بدلايا ويندا آهن، مثلاً:

”ڏيار“ جي بدران ”ڄار“ چيو ويندو آهي. يعني ڏ + ي کي (ڄ) ۾ بدلائيو ويندو آهي.

”نياڻي“ == ”ڄاڻي“ == (ن+ ي) کي (ڄ) = = = =

”نياپو“ == ”ڄاپو“ = = = = = = == = =

”ويم“ == ”يم“ = = = يعني ٻهريون“ و“ ڪيرائي ڇڏبو آهي.

**عدد:** هڪ انگ ١٨ کان سواءِ ٻيا سمورا انگ معياري محاوري موجب اچاريا وڃن ٿا. ”ارڙهن“ کي شڪارپوري ”اٺارهن“ چوندا آهن. حقيقت ۾ اٺارهن، اصليت جي ويجهو آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ ”اٺ“ بالڪل واضع آهي، جيئن ”سترهن“ ۾ ”ست“ ۽ ”ٻارنهن“ ۾ ”ٻہ“. معياري لهجي ۾ (ٺ) کي (ر) ۾ بدلائي، ان جي پويان ايندڙ (رهہ) کي (ڙهہ) ۾ بدلايو ويو آهي. شڪارپوري لهجي جو اثر جيئن تہ سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن جي محاورن تي آهي، انهيءَ ڪري جيڪب آباد ۽ سکر ضلعن ۾ ”اٺارنهن“ چيو ويندو آهي. البت لاڙڪاڻي ۾ ”ارڙنهن“ چيو ويندو آهي.

انگن جي سلسلي ۾ شڪارپور محاوري جي هڪ ٻي خصوصيت بہ آهي. هو ”ساڍا“ جي بدران ”ساڍي“ چوندا آهن. هو ”ساڍا ٻارنهن“ بدران ”ساڍي ٻارهن“ چوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ”ساڍا“ بہ چوندا آهن، پر شڪارپور شهر ۽ شڪارپور علائقي جا ماڻهو اڪثر ڪري ”ساڍي“ چوندا آهن.

**باب چوٿون**

# شڪارپوري محاوري جو
# گرامر جي لحاظ کان جائزو

ضمير خالص: خالص معنيٰ نج. هي اهي ضمير آهن، جيڪي خاص طرح يا شخصي طرح ماڻهن سان لڳندا آهن، جيئن مان، آءٌ، اسين، تون، توهين، اوهين، هو، هوءَ، ۽ اهي.

سنڌي زبان جي مختلف لهجن جو ضمير خالص جي اچار ۾ ڪجهہ قدر اختلاف آهي، شڪارپوري محاوري، بلڪہ سمورن سريلي محاورن ۾ ضمير خالص هن طرح آهن:

| شڪارپوري / سريلي | معياري | لاڙي | ٿري |
|---|---|---|---|
| * مان | مون، آءٌ | آءٌ | آءٌ |
| اسان | اسين | اسين | اسين |
| تون | تون | تون | تون |
| تَهان | توهين/ توهان | توين | توين |
| اوهان | اوهين | آئين | ائين |
| أوهي | أهي | اوءِ | اوءِ |
| هو، هوءَ | هو، هوءَ | أو، اوءِ- | أو - أوءِ. |

مثال اڳئين صفحي تي ڏجن ٿا:

* (فراڪي ، جغدالي، لاسي، جدگالي، ڪوهستاني ۽ ڪيتراني ۾ بہ "مان" استعمال ٿئي ٿو.)

| شڪارپوري | معياري |
|---|---|
| مان خط لکي رهيو هان | آءٌ خط لکي رهيو آهيان. |
| اسان حيدرآباد وينداسون. | اسين حيدرآباد ويندا سون. |
| تون ڪڏي ڪراچي ويندين تهان ڪڏي ايندا؟ | تون ڪڏهن ڪراچي ويندين؟ توهان ڪڏهن ايندا؟ |
| تهان جو ڪم تي ويندو. | توهان جو ڪم تي ويندو. |
| اوهان ڪڏي ايندا؟ | اوهين ڪڏهن ايندا؟ |
| اوهي ماٺهو اچڻ گهرجن. | اُهي ماڻهو اچڻ گهرجن |
| مان اچان تہ پوءِ تون وڃجانءِ | آءٌ اچان، تہ پوءِ تون وڃجانءِ |
| مان ۾ ڪم هجئي، تہ حاضر هان. | مون ۾ ڪم هجئي تہ حاضر آهيان. |
| مان توکي ڏکويو تہ ڪونهي. | مون توکي ڏکويو تہ ڪونهي. |
| اسان کي گهرجي تہ وقت اجايو نہ وڃايون. | اسان کي گهرجي تہ وقت اجايو نہ وڃايون. |
| تَهان ڪڏي ايندا. | توهين ڪڏهن ايندا؟ |
| تهان کي ائين نہ جڳائي. | توهان کي ائين نہ جڳائي. |
| اوهان کي ڪراچي وڃڻو پوندو. | اوهان کي ڪراچي وڃڻو پوندو. |
| مان کي اوهان ۾ ڪم ا. | مونکي اوهان ۾ ڪم آهي. |

هنن مثالن مان معلوم ٿيندو، تہ شڪارپوري لهجي ۾ ”مان“، ”اسان“، ”تهان“ ۽ ”اوهان“ جي پويان جيڪڏهن (جو) حرف اضافت، ۽ (۾) (۽) (کي) حرف جر اچن ٿا، تڏهن بہ انهن جي صورت نہ ٿي بدلجي، ”مان“، ”اسان“، ”تهان“ ۽ ”اوهان“ ئي استعمال ٿين ٿا. البت معياري محاوري ۾ (کي) حرف اچڻ سان (آءٌ) کي (مون) ۾ بدلايو وڃي ٿو (اسين) کي (اسان) ۾ بدلايو وڃي ٿو.

(اوهين) کي (اوهان) ۾ بدلايو وڃي ٿو، ۽ (توهين) (توهان) ۾ بدلجي وڃي ٿو.

شاهہ لطيف بہ حرف جر جي پويان اچڻ سان (آءٌ) جي بدران (مون) آندو آهي.

"مون کي ڏنءُ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قرارئو" (مومل راڻو)

شاهہ صاحب "اسان، بدران "اسين" آڻي ٿو.

"ننگا آهيون نکتا، اسين مارو لوکـ." (مارئي)

سچل سرمست "اسان" کتب آندو آهي:

"روز ازل استاد اسان کي، سٽ پريت جي پاڙهي"

شاهہ صاحب کٿي "مان" (شڪارپوري - سريلي محاورو) بہ آندو آهي:

"جيکي ڏٺو مان، سو جو ڏٺو جيڏئين"

شڪارپور جي شاعرن بہ مان آندو آهي:

"جهڙي مان کئي، تهڙي انڌو پيي نہ کري" (سامي)

"نور نرمل کر نظر، مان تي نبي نورالهديٰ" (ملاصاحبڏنو)

**ضمير اشارو:** اهو ضمير آهي، جيکو کنهن اسم ڏانهن اشارو کري. هن جا ٻہ قسم آهن: ضمير اشارو ويجهو، ضمير اشارو ڏور، ضمير اشارو ويجهو اهو ضمير آهي، جيکو کنهن ويجهي اسم ڏانهن اشارو کري، مثلا: "هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي،" "هيءُ منهنجو پٽ آهي" "هي تنهنجا کتاب آهن."

شڪارپوري محاوري ۾ "آهي" جي بدران "ايهي" آندو ويندو آهي. مثلا: "ايهي هنِ مان جا ٽيڙ ٽاڙي"

**ضمير اشارو ڏور**، اهو ضمير آهي، جيڪو ڪنهن پرانهين اسم ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جيئن تہ هو هن جو پيءُ آهي، اهي هن جا ڪتاب آهن، اهو اسان جو گهر آهي، اها تاريخي جاءِ ڏسڻ گهرجي.

شڪارپوري لهجي ۾ "اُهي" جي بدران، "اُوهي"، اهو جي بدران "اُوهو"، "اها" بدران "ايها" اچي ٿو، مثلاً:

اُوهي وڻ اسان جي گهر جا آهن.

اوهو گهر ڪريم بخش جو آ.

هل تہ، ايها تاريخي مسجد ڏسي اچون.

شڪارپور جي شاعرن ۽ ليکڪن جي نثر ۽ نظم مان مثال:

"ايها حد ٺهرائيندڙ عمر آهي، جنهن کي سچ جا سڏا ڪرڻا روشن ڪن ٿا"

"تعجب تہ ايهو هو، جو مان صرف اوهان جو هوس"

(آتم ڪهاڻي رابندر ناٿ ٽئگور، ترجمان: جهامنداس ڀاٽيہ (شڪارپور جو رهاڪو)، ماهوار سنڌو، مارچ ١٩٣٢، ص ٥٣)

"ايهي منهنجي سوچ جا ڏينهن ييتا تيل ڪملن جيان نندي‌ءَ جي وهڪري وانگر ڪنهن بہ شور ڪان سواءِ وهندا ويا. (ايضا،ص ٥٨)

"سڏائين ذات ٿو ايها، ادا البت اچي جاٽي"

(هيرن جوهار: غلام علي مسرور)

"اوهي سامي سياڳا، عشق جي اجاريا"

(غلام علي مسرور جي بيت جي سٽ)

"عرض ايهو حسن جو هڪ، سٽي سهڻا سچا سرور"

(مولانا تاج محمود امروٽي)

”اهڙو ڪرم قادر ڪيو، ايها حَسن تئي هڪ وروهہ“

(مولانا امروٽي)

**ضمير استفهام** : هي اهو ضمير آهي، جيڪو اسم جي بدران پڇا ڪرڻ يا ڄاڻڻ گهري ٿو. مثلاً :

(۱) توکي ڇا کپي؟ (۲) ڪنهن ڳالهايو؟ (۳) ڪهڙوڪم اٿئي؟، (۴) هتي ڇا آهي؟ (۵) هتي ڇو آيو آهين ؟ (٦) ڪير آيو آهي؟ (۷) ڪُهہُ ڄاڻان ڪيڏنهن ويا؟ (۸) ڪچاڙو آهي؟. يعني ڪير، ڪهڙو، ڪنهن، ڇا، ڪجهہ، ڪچاڙو، ڪوهہ، ڪُهہُ، ڪيهو ضمير ”استفهام“ جا لفظ آهن. انهن مان ڪير، ڪهڙو، ڪنهن، ڇا، ڪجهہ ، معياري توڙي شڪارپوري محاوري ۾ ڪتب اچن ٿا. باقي ڪچاڙو، ڪوهہ، ڪُهہُ، ڪيهو فقط لاڙي محاوري ۾ استعمال ٿين ٿا. البت شڪارپور جي عوامي محاوري ۾ ”ڪهڙو“ بدلجي ”ڪيڙهو“ ٿئي ٿو. جوندا:

ڪيڙهو ڪم آ ؟ (”ڙ“ ۽ ”هہ“ ملي (ڙهہ) ٿئي ٿي، ۽ ان جي اڳيان (ي) ملائي وجي ٿي.)

”ڪيڙهو نہ سنو ٿئي، جي سياڻي مان وٽ اچين.“

”اڄ توکي ڪيڙها ڪم ڪرڻا هن؟“

”مون جو سليمان سان ڪيڙهو ڪم.“

(۲) ”ڪهڙو“، صفت ضميريءَ ۾ بہ ايندو آهي، صفت ضميري اها آهي، جيڪا ڪنهن اسم يا ٻئي ضمير جي اڳيان اچي، ۽ ان جي وصف يا شخصيت ظاهر ڪري، يا ان ڏانهن اشارو ڪري، مثلا: ”ڪهڙو ماڻهو“هن حالت ۾ بہ شڪارپوري محاوري ۾ ”ڪهڙو“ جي

بدران ”ڪيڙهو“ اچي ٿو، مثلاً :

”ڪيڙهو ماڻهو - ڪيڙهي ڇوڪري - ڪيڙها زيور“

ان کان سواءِ اوترو - ايترو - تيترو - جيترو - ڪيترو - هيترو. اهڙو - تهڙو - جهڙو - ههڙو - ايڏو - تيڏو - جيڏو ـڪيڏو - هيڏو بہ صفت ضميري جا لفظ آهن. انهن مان اهڙو - تهڙو - جهڙو - ههڙو بہ شڪارپوري محاوري ۾ ساڳئي نموني بدلجن ٿا. مثلاً :

| شڪارپوري | معياري |
|---|---|
| تيڙهو | تهڙو |
| جيڙهو | جهڙو |
| هيڙهو | ههڙو |
| ايڙهو | اهڙو |

هن قسم جي ٻين لفظن ۾ بہ بدل ٿئي ٿي. مثلاً :

| تبديلي | شڪارپوري | معياري |
|---|---|---|
| (اي) بدلجي (او) ٿئي ٿو. | اوترو | ايترو |
| | تَهن | تِهن |

ضمير مشترڪ : هي اهو ضمير آهي، جيڪو فاعل سان شريڪ يا شامل ٿي ڪم اچي ٿو.

سنڌي زبان جي مختلف محاورن ۾ ضمير مشترڪ ۾ بہ ٿورو فرق آهي. شڪارپوري لهجي ۾ ضمير مشترڪ، معياري محاوري کان ڪجهہ قدر مختلف آهي. مثلاً

| لاڙي | معياري | شڪارپوري |
|---|---|---|
| مون جو مُہ جو | منهنجو | مون جو- مانِ جو |

| | | |
|---|---|---|
| پان جو | پنهنجو | پان جو |
| تون جو | تنهنجو | تون جو ته جو |
| ڪينجهو | ڪنهن جو | ڪِهِ جو |
| جينجهو | جنهن جو | جِهِ جو |

لساني نقطئہ نگاهہ سان چئي سگهجي ٿو، تہ معياري محاوري جا لفظ "منهنجو" ۽ "تنهنجو، "مہ جو" ۽ "تہ جو" جي ميلاپ سان بڻيا آهن. "مون جو" ۽ "تون جو" ۾ (جو) حرف اضافت آهي، "مون" ۽ "تون" ذار ذار ضمير آهن. پر انهن جي حالت تغيري (Oblique Case) آهي (۱) يعني شڪارپوري لهجي ۾ "مون جو" ۽ "تون جو" ضمير متڪلم واحد، ۽ ضمير حاضر واحد جي حالت تغيري سان "جو" حرف اضافت جي ميلاپ سان جڙيا آهن. اها ترڪيب گرامر جي لحاظ کان غلط نہ آهي (۲)

مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| شڪارپوري محاورو | معياري محاورو |
|---|---|
| سليم، مون جو ڪم ڪڏي ڪندين؟ | سليم منهنجو ڪم ڪڏهن ڪندين؟ |
| ايهو ڪم، مون جو ناهي. | اهو ڪم، منهنجو نہ آهي (ناهي) |
| مون جو ڪم ڪرڻو تي، تہ ڳڏجي هل | منهنجو ڪم ڪرڻو اٿئي، تہ ڳڏجي هل |
| اهو پان جو گهر آ | اهو پنهنجو گهر آهي. |
| پان جي ڪم سان ڪم هجي | پنهنجي ڪم سان ڪم هجي. |
| تون جو ڪِيڙهو ڪم | تنهنجو ڪهڙو ڪم |
| هي قلم ڪينجهو آ؟ | هي قلم ڪنهن جو آهي؟ |

(۱) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، لاڙ جي ادبي تاريخ، انسٽيٽوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سال ۱۹۷۷ع ص ۱۵۹.
(۲) ايضاً ص. ۱۶۰.

| شڪارپوري محاورو | معياري محاورو |
| --- | --- |
| جينجو به هجي ان سان تون جو ڇا؟ | جنهن جو به هجي، ان سان تنهنجو ڇا؟ |
| مون جي گهر اچجانءِ، ته ڪتاب ڏيندو ماءِ | منهنجي گهر اچجان، ته ڪتاب ڏيندو سانءِ. |
| ڪينجو ڪم ڪري ڪينجو ڪيان؟ | ڪنهن جو ڪم ڪري ڪنهن جو ڪريان. |
| جينجو ڪم هجي، او هو پاڻ اچي | جنهن جو ڪم هجي، اهو پاڻ اچي. |

**ضمير موصول:** موصول جي معنيٰ آهي: ڳنڍيل يا ملايل. هي اهو ضمير آهي، جيڪو اسم سان لڳي ٿو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيل آهي. ان ڪان سواءِ هي جملن کي ڳنڍي ٿو. مثال:

”هي اهو ڪتاب آهي،جيڪو مان ڪراچيءَ مان ورتو هو.“

هتي لفظ ”جيڪو“ ڪتاب جي بدران ڪم آيو آهي، ۽ اهو ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو. جو، جي، جا، جيڪو، جيڪا، جنهن، جن وغيره ضمير موصول آهن. ان مان معلوم ٿيندو، ته ضمير موصول (ج) سان شروع ٿين ٿا.

شڪارپوري محاوري ۾ معياري محاوري موجب اهي ضمير موصول ساڳيا ڪم اچن ٿا:

”جو، جي، جينڪو، جيڪا ۽ جنهن.“

البتہ شڪارپوري محاوري ۾ ”جَنِ“ ”ج“ تي زبر ۽ ”ن“ تي زير اچي ٿي، معياري محاوري ۾ ”جِنِ“، ”ج“ ۽ ”ن“ تي زير اچي ٿي. ماضي قريب ۾ شڪارپور جي ٻهراڙي واري لهجي ۾ ”جِنِ“ جي بدران ”جنَنِ“ بہ ڪتب ايندو هو. مولانا امروٽي ”جنن“ هن طرح آندو آهي:

”ورنهہ واريوتن جون، هيٺو حال جنَنِ“ (مولانا امروٽي)

جيڪب آباد جي لهجي ۾ اچا تائين "جِنَنِ" ڪتب اچي ٿو. باقي شڪارپور جي پسگردائي ۾ هيئنر ڪم ڪونہ ٿو اچي. شڪارپور جي عوامي محاوري ۾ "جنهن" بدران "جنهين" بہ ڪم اچي ٿو. شڪارپور شهر جي هڪ شاعر مير صفي الله "فدا" علوي جي شعر ۾ اهو لفظ هن طرح آيو آهي:

"ڪٿي تنهنجي ڳڻن جي ڳل، جنهين غمخوار ڳاري آ"

**ضمير جواب موصول:** اهو ضمير آهي، جيڪو ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچي ٿو: مثلاً:

"جنهن سان ڀلائي ڪيم، تنهن قدر ڪونہ ڄاتو"

"جن بہ مان کي خط لکيو، تن کي جواب ڏنم"

هتي "جنهن" ۽ "جن" ضمير موصول، ۽ "تنهن" ۽ "تن" جواب موصول آهن. شڪارپوري محاوري "۾ تِنِ، بہ تَنِ،" ڪري اچاريو وڃي ٿو. جيڪب آباد واري محاوري ۾ "تنن" بہ اچاريو وڃي ٿو. شڪارپوري لهجي ۾ "تنهن" بدران "تنهين" بہ اچي ٿو:

"تنهين کي جي ٿيا سور ڀائي"

(مولانا امروٽي)

**ضمير مبهم:** مبهم معنيٰ لڪل. هي اهو ضمير آهي، جيڪو ڪنهن نامعلوم اسم يا اسمن لاءِ ڪم اچي ٿو. مثلاً: "ڪنهن ڳالهہ ڪئي؟"، ضمير مبهم گهٽوڪري (ڪ) حرف سان شروع ٿيندو آهي.

معياري محاوري ۾ ضمير مبهم "ڪِنِ"، شڪارپوري محاوزي ۾ "ڪَنِ". (ڪ تي زبر ۽ (ن) تي زير) ٿي اچي ٿو.

ضميري پيچاڙيون: هي پيچاڙيون خالص ضميرن بدران ڪتب اينديون آهن جيئن:

(١) ڀاڻم (منهنجو ڀاءُ) پٽم (منهنجو پٽ) ڀاڻهين ڀاڻهن (تنهنجو ڀاءُ) ڀاڻهوَ (توهان جو ڀاءُ)، ڀاڻس (هن جو ڀاءُ) ڀاڻن (هنن جو ڀاءُ). هتي (م) پيچاڙيءَ مان "منهنجو"، (هين) يا (هِن) پيچاڙي مان "تنهنجو"، (هُو) پيچاڙيءَ مان "توهان جو" معنيٰ نڪري ٿي.

شڪارپوري محاوري ۾ منهنجو بدران (م) پيچاڙي اچي ئي ڪان. اها پيچاڙي لاڙي محاوري ۾ اچي ٿي، (و) پيچاڙيءَ ۾ ڪم ڪونہ ٿي اچي، جيئن "پٽوَ" (توهان جو پٽ)، شڪارپوري محاوري ۾ ڪڏهن (س) پيچاڙيءَ بدران "هنس" پيچاڙي ۾ اچي ٿي، جيئن "پٽس" بدران، "پٽهنس"، "چاٽهنس". "توهان جو" بدران (هو) پيچاڙي ۾ ڪونہ ٿي اچي. شڪارپوري محاوري ۾ چون:

"مون جو ڀاءُ، مون جو پٽ، تَهان جو ڀاءُ، تهان جو پٽ"

ان ڪان سواءِ "تنهنجو ڀاءُ" بدران "ڀاڻهن" بہ ڪونہ اچارين. يعني (هِن) پيچاڙي" بہ شڪارپوري محاوري ۾ تمام گهٽ اچي ٿي، البت (ٺِهين) پيچاڙي جي بدران (ٺين) پيچاڙي استعمال ٿئي ٿي، مثلاً: ":ڀاڻين (تنهنجو ڀاءُ) پٽين (تنهنجو پيءُ) ماٺين (تنهنجي ماءُ) "پَٺٽين" (تنهنجو مڙس - پَٺي معنيٰ مڙس - مڙس جي معنيٰ "پٺہ" فقط شڪارپوري محاوري ۾ آهي).

متي ذڪر ڪيل پيچاڙيون اسمن سان ڳانڍاپيل آهن. اسم سان ڳنڍيل هجڻ جي صورت ۾ هميشه اضافت جي معنيٰ ڏيکارينديو آهن.

(٢) اهي پچاڙيون جڏهن حرف جر جي پٺيان لاڳاپيل هونديون آهن، تڏهن "حرف جر" جي معنيٰ ڏيکارينديون آهن، جيئن وٽم (مون وٽ)، کانئس (انهن کان)، کيس (هن کي).

شڪارپوري محاوري ۾ "وٽم" استعمال ڪونہ ٿوٿئي، پڙهيل طبقي ۾ "کانئن" ۽ "کيس" استعمال ٿئي ٿو، پر عام ماڻهن جي گفتگو ۾ گهڻو ڪري "کانئن" ڪم ڪونہ ٿو اچي.

(٣) اهي ضميري پچاڙيون جڏهن فعل سان لڳائيبيون آهن، تڏهن اهي "حالت فاعلي" يا "حالت مفعوليءَ" معنيٰ ڏيکارينديون آهن، مثلا: "لکيم" –"کاڌم"، (حالت فاعلي)، ڏيوم (حالت مفعولي).

(س) پچاڙي بہ اچي ٿي، جيئن "ويس"، "ويندس"، "لکندس".

(و) پچاڙي بہ اچي ٿي، جيئن "لکيو" "پڙهيوَ" هن مان معلوم ٿيندو، تہ (م) ۽ (س) پچاڙيون ساڳي معنيٰ ڏين ٿيون. لاڙي ۽ معياري محاوري ۾ (س) پچاڙي اچي ٿي. شڪارپوري محاوري ۾ ان جي بدران (م) پچاڙي اچي ٿي. مثلاً:

"ڏيندم ، ويم، لکيم، پڙهيم، ويندم، (مؤنث جي حالت) وغيره."

معياري محاوري ۾ ماضي جي حالت ۾ (م) پچاڙي اچي ٿي، جيئن لکيم، پڙهيم،ٿيم، ڊوڙيم وغيره. مستقبل جي حالت ۾ (س) پچاڙي اچي ٿي، جيئن: ويندس، لکندس، پڙهندس، ڊوڙندس، وغيره.

شڪارپوري لهجي ۾ ٻنهي حالتن ۾ (م) پچاڙي اچي ٿي. جيئن: ويم، (ماضي) ۽ ويندم (مستقبل). ان کان سواءِ

شڪارپوري محاوري ۾ مستقبل جي حالت ۾ ”ويندم“ ۽ ايندم کان سواءِ ڪيترين فعلي صورتن ۾ (نون غنون) ڪونہ ٿو ڪم اچي. شڪارپوري چون:

”پڙهدم، لکدم، ڊوڙدم، کيڏدم، وڙهدم وغيره.“

اهو انهيءَ ڪري ٿئي، جڏهن فعلي ڏاتو پورو اچي، ان سان (د) ملي ٿو.

متي ڏنل صورتن جا فعلي ڏاتو هي آهن:

”پَڙهہ - لِک - ڊوڙ - کيڏ - وِڙُهہ .“

جڏهن مستقبل جي فعلي صورت ناهڻ لاءِ ڏاتو کي بدلائجي ٿو، تڏهن (د) جي اڳيان (نون غنو) اچي ٿو. اهو (نون غنو) معياري محاوري ۾ بہ اچي ٿو، تہ شڪارپوري محاوري ۾ بہ آچي ٿو. مثلاً:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | فعلي ڏاتو | فعلي صورت |
|---|---|---|---|
| ايندس | ايندم | اَچُ | اين |
| ويندس | ويندم | وڃُ | وين |
| ڪندس | ڪندم | ڪَر | ڪَ |

ضميري پڇاڙين جي سلسلي ۾ شڪارپوري محاوري جي اپٽار هن طرح بيهي ٿي:

(١) شڪارپوري محاوري ۾ ”منهنجو“ جي معنيٰ ۾ (م) پڇاڙي اچي ٿي ڪونہ. معياري محاوري ۾ اچي. يعني شڪارپوري ۾ هي صورتون ڪونهن:

”پُٽَوَ - (توهان جو پٽ)، ماڻوَ (توهان جي ماءُ) وغيره.

(٢) غائب جي صورت ۾ معياري محاوري ۾ (س) پڇاڙي اچي ٿي، پر شڪارپوري محاوري ۾ گھٽو ڪري (ھنس) پڇاڙي اچي ٿي. ڪن حالتن ۾ وري (س) بہ اچي ٿي. مثلاً :

| معياري | شڪارپوري | معياري | شڪارپوري |
| --- | --- | --- | --- |
| پٽس | پٽھنس | ڏيٽس | ڏيٽس |
| ماٽس | ماٽھنس | جوٽس | جوٽس |
| چاچس | چاچھنس | ماٽس | ماٽس |
| چاٽس | چاٽھنس | ياٽس | ياٽس |

(۴) معياري محاوري ۾ "توھان جو" بدران (ھَو) يا (و) پڇاڙي اچي ٿي..پر شڪارپوري محاوري ۾ اھا اچي ئي ڪونہ. يعني شڪارپوري محاوري ۾ ھي صورتون ڪونھن: پٽھوَ (توھان جو پٽ) ڏيٽوَ (توھان جي ڏيءُ) وغيره.

(۵) "تنھنجو" جي بدران (ھن) ۽ (ٿھين) پڇاڙي بدران شڪارپوري محاوري ۾ (ٽي) پڇاڙي اچي ٿي، ڪڏھن ڪڏھن (نھين) پڇاڙي ۾ (ھن) بہ آندي وڃي ٿي. مثال ھيٺ ڏجن ٿا:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو |
| --- | --- |
| ياٽھين | ياٽين |
| پٽھين | پٽين |
| ماٽھين | ماٽين |
| ڏيٽھين | ڏيٽين |
| چاٽھن | چاٽھن |
| پٽھن | پٽُھِن |

هن سلسلي ۾ شڪارپوري محاوري ۾ هڪ اهڙو لفظ بہ آهي، جيڪو فقط شڪارپوري محاوري ۾ موجود آهي. اهو آهي: ”پٽئين (تنهنجو پيءُ) مڙس جي معنيٰ ۾ ”پيءُ“ فقط شڪارپوري محاوري ۾ استعمال ٿئي ٿو. ”پيءُ“ ايترو استعمال نہ ٿيندو آهي، جيترو ”پٽئين“ پيءَ سان متصل (ٽين/پڇاڙيءَ سان). هڪ عورت پيءَ کي چوندي:

”پٽئين ڪاڏي ويو آ“، ”پٽئين شڪارپور وڃي تہ مان کي بہ اهو ڪپڙو آڻائي ڏجانءِ، جيڪو توکي آڻي ڏنو اٿائين، پيسا ڏيندي مانءِ“

(٦) حرف جر جي صورت ۾ (مر) پڇاڙي ”مون“ جي معنيٰ ۾ (ئن) ”انهن“ جي معنيٰ ۾ ۽ (س) پڇاڙي ”ان“ جي معنيٰ ۾ ايندي آهي.

معياري محاوري ۾ (مر) پڇاڙي ”مون“ جي معنيٰ ۾ ايندي، پر شڪارپوري محاوري ۾ استعمال ڪونہ ٿي ٿئي. يعني شڪارپوري ۾ هي صورتون ڪم ڪونہ اچن:

”وٽم (مون وٽ) ۽ وٽامِ (”وٽ“ سان متصل)
سائم (”سان“ سان متصل)
ڪنم (”ڪَن“ سان متصل)
متم، متانمِ (”متي“ سانِ متصل)
منجهم، منجهام (”منجهہ“ سان متصل)

هي متڪلم واحد جون صورتون آهن. واحد حاضر جون صورتون هي آهن:

وَٽ ۽، وٽاءِ، وٽانءِ (”وٽ“ سان متصل)
سانءِ (”سان“ سان متعصل)
ڪني (”ڪن“ سان متعصل)

منجهء، منجهہ ئي، منجهاءِ، منجهانءِ، (منجهہ" سان متصل)
متس، متاءِ، متانس ("متي" سان متصل)

هي صورتون بہ شڪارپور جي عام محاوري ۾ ڪم ڪونہ ٿيو اچن. البت پڙهيل طبقو ۽ ليکڪ انهن مان ڪي صورتون ڪم آڻين ٿا. جهڙوڪ : متس، وٽان ۽ منجهئي.

واحد غائب جي صورت ۾ معياري محاوري ۾ ساڻس، ڪائنس، متس يا متانس، منجهس يا منجهاس، وٽس يا وٽانس استعمال ٿين ٿا. شڪارپوري محاوريَ ۾ "وٽس" تہ استعمال ڪونہ ٿو ٿئي، البت پڙهيل طبقي ۾ "متس"، "منجهس" ۽ "ڪائنس" ڪتب اچن ٿا.

(٧) ضميري پڇاڙيون جڏهن فعلي صورتن سان اچن ٿيون، تڏهن معياري ۽ شڪارپوري محاورن ۾ هي صورتون بيهن ٿيون:

| معياري محاورو | | شڪارپوري محاورو | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| ويندُسِ | ويندِيسِ | ويندُمِ | ويندَمِ |
| لکندُسِ | لکندِيَسِ | لکندُمِ | لکندمِ |
| لکيمِ | لکيمِ | لکيُمِ | لکيمِ |
| لکِيو اٿس | لکيمِ اِٿس | لکيو اٿائين | لکيو اٿائين |
| پڙهيمِ | پڙهيمِ | پڙهيمِ | پڙهيمِ |
| پڙهندُس | پڙهندِيَسِ | پڙهدُمِ | پڙهدَمِ |
| لکندُس | لکندِيَسِ | لکدُمِ | لکِدَمِ |
| وَنندُس | وِنندِيَسِ | وَندُمِ | وَنِدِس |
| گهمندُسِ | گهمندِيَسِ | گهمدُمِ | گهِمَدَمِ. |

(٨) حاضر جمع جي صورت ۾ معياري توڙي شڪارپوري لهجي ۾ (و) پڇاڙي سان ٿيندو. ”لکيُوَ“ ”پڙهيُوَ“ وغيره. جيڪب آباد جي لهجي ۾ چون ”لکيوي“، ”پڙهيوي“ وغيره.

هن مان معلوم ٿيندو، تہ شڪارپوري محاوري ۾ فعلي صورتن سان متصل فقط (م) پڇاڙي اچي ٿي، (س) پڇاڙي ڪونہ ٿي اچي. مؤنث جي صورت (سَ) پڇاڙي جي اڳيان (ي) اچي ٿي. شڪارپوري محاوري (ي) بہ ڪونہ ٿي اچي. مددي فعلي صورت ۾ ”اٿس“ جي بدران، شڪاپوري ۾ چو ”اٿائين“.

**حالت اپادان:** معياري لهجي ۾ حالت اپادان (Ablative case) ۾ ـ ١ـ آن پڇاڙي ملائي ويندي آهي. شڪارپوري لهجي ۾ ١ـ آن جي بدران ١ـ ئون پڇاڙي آندي ويندي آهي، مثلاً:

| شڪارپوري | معياري | شڪارپوري | معياري |
|---|---|---|---|
| توڪئون | توڪان | اوڏهون | اوڏانهون |
| ماڪئون | مون ڪان | ڪاڏهون | ڪيڏانهون |
| پريئون | پريان | جاڏهون | جيڏانهون |
| اوريئون | اوريان | هوڏهون | هوڏانهون |
| اٿئون | اتان | اڳيئون | اڳيان |
| هتئون | هتان | پويئون | پويان |
| ڪٿئون | ڪٿان | اندرئون | اندران |
| جاٿئون | جٿان | پوئتئون | پوئتان |
| جاٿئون | جٿان | متئون | مٿان |
| مئون | مان | بدرئون | بدران |

شعر مان مثال:

"ابرو تنهنجو ڪمان هن، شمشير جو نمونو"

(آخوندعبدالقادر بيدل شڪاروري)

"مٿئون پاند مهر جو، هڪ لحظو نہ لاهين"

(سامي)

ماڳ مارن جا مَنهن ۽ پاٿا، باغن بنگلن مٿون مان چا چاٿان،

(مولانا امروٽي)

اڳئان بدران اڳئون:

"واءُ وصل جي هاٿي گهلي آ، اڳئون حَسن مثال وٺان وٺان"

(مولانا امروٽي، تخلص "حسن")

هيٺئون:

"نتو سمجهي اهو موڙهل، تہ ڪو هلڻو هيٺئون آهي"

(هيرن جو هار ـ غلام علي مسرور)

مٿون:

"رئن اکن مٿون نيڻ ٿمن ٿا"

(مولانا امروٽي)

**فعل:** اهو لفظ آهي، جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ، جي معنيٰ نڪري، مثلاً: احمد لکي ٿو. "لکي ٿو" مان معلوم ٿئي ٿو تہ، احمد لکڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي.

فعل جا هي قسم آهن: فعل لازمي، فعل متعدي مجهول، فعل متعدي بلواسطه، فعل معاون، اڪرترڪ فعل، مرڪب فعل.

هن هيٺ فعلي صورتن جي اپٽار ڏجي ٿي:

آهين / آهن:

| معياري محاورو / شڪارپوري محاورو | | تبديلي |
|---|---|---|
| آهين | آهن | (هـ) ۽ (ن) جي وچان (اي) ختم ٿي وڃي ٿي. |
| | اِن | (آ) بدران (اِ) ۽ (هِنِ) بدران (نِ) |
| | هِن | (آ) ختم ٿئي ٿي، ۽ (هن) بدران (اِن) |
| آهيان | هانَ | (آ) ختم ٿئي ٿي، ۽ (يان) بدران (آن) ٿئي ٿي. |

يعني شڪارپوري محاوري ۾ ”آهين“ ڪم نہ ٿو اچي. ان جي بدران (هن)، (اِنِ) ۽ (آهن) اچي ٿو. شڪارپور جا شاعر ۽ نثر نويس بہ (هِن) يا (آهن) استعمال ڪن ٿا. مثال: اڄ وڏيري جي اوطاق تي الائي ڇو ڪيترائي ماڻهو ويٺا هِنِ.“

”اڄ گهٽائي ڪم ڪرڻا اِنِ“

”تهان جي گهر ۾ ڪيتريون ڪتان هِن“

”آفيس ۾ ڪلارڪ ويٺا آهِن ؟“

شعر مان مثال:

”مزگان تهنجي جون، سنان هِنِ، تير جو نمونو“

آهيان ”بدران “هان“ لاءِ شعر مان مثال:

پچندا، تہ چوندو شاعر شيرين زبان هان

شعراءِ جو سخن، سخن جو پرور دگارهان

مخمور مان تہ ڪجهہ ڀي نہ هان، مشت خاڪ هان
شاعر ٻيا، مان شعرا جو خدمتگار هان
مئي جذبات لفظي آبگينن ۾ پريندو هان
جيڏي اشعار، تي مخمور، ويندا هن ٻڏڻ وارا

(غلام علي مخمور، شڪارپور)

هو / هئو:

| معياري محاورو | شڪارپوري محارو | تبديلي |
|---|---|---|
| هو/هئو | هُيو | (ئو) بدلجي (يو) ٿيو آهي |
| هُئا | هُوا - هُيا | (ئا) بدلجي (وا) يا (يا) = |
| هوسِ | هُئس | (هو) بدلجي (هَي) = |
| هُئاسون | هُواسون - هياسون | (ئا) بدلجي (وا) يا (يا) = |

مثال:

”اوطاق ۾ زميندار وينو هيو“
”ٻئي ڄڻا ٻاهر نڪري ويا هوا“
”شام جو راند ڪيڏي، رات جو گهر ايندو هُيُسِ“
”اسان ٻئي گڏ هوا سون“

شڪارپور جا شاعر ۽ نثر نويس ”هُيو“ ”هُوا“ يا ”هُيا“، ”هُيسِ“ ۽ ”هُواسون“ يا ”هَيُاسون“ استعمال ڪندا رهندا آهن. ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

” يعني انهيءَ آزاد ۽ قديم هستي ۾ جيڪڏهن ڪوبہ خيال موجود هيو، تہ اهو هيو نِج خير جو خيال، جنهن ڪري ڪيس نج خير ڪري ڪوٺجي ٿو.“

(آغا غلام نبي صوفي جو مضمون ”برهم حق“ مان - شايع ٿيل

ماهوار سنڌو جولاءِ ١٩٣٤ع ص ٢٩.")

پراچين چيني ڪتابن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو، تہ ان زماني ۾ هندستان جون حالتون اهڙيون ئي هيون، جهڙيون چين جون (بولچند راجپال جو مضمون "هندستان ۽ چين"، سنڌو، ڊسمبر١٩٣٥ع، ص ٣ "ڪجي زندگيءَ جو درد، پر هي مختصر چٽڪو هيو")

(لطف الله بدوي جو نظم "زندگي" مان، شايع ٿيل سنڌو، جنوري ١٩٣٨ع،ص٣١)

ديد جي قابل هيو، هو رات جو روشن سمان
هنج ۾ جنهن جي هيو، آسوده هرفتنئہ شباب

(لطف الله بدوي جي نظم "شاعر جو جواب" مان، سنڌو جولاءِ ١٩٣٧ع، ص ١٧)

هيم:

| معياري لهجو | شڪارپوري لهجو | تبديلي |
|---|---|---|
| هُيمُ | هُمِ | (يُمِ) بدلجي (مِ) ٿيو آهي. |

مثال :

"شڪارپور وڃڻ وقت پئسا تہ گهڻا هَمِ، پر سودو وَٺُمِ تہ سڀ کپي وِيا"

شاعريءَ جا مثال:

پرت پنوهارن پوريون تا، رئن اکين مئون نيڻ ٺمن تا
جو وِٺن گذاريا هَمِ سال" (مولانا امروٽي)

آهي:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | تبديلي |
|---|---|---|
| آهي | آ ـ آ هه | [آ] کان پوءِ (هي) ختم ٿي وڃي ٿي، يا (هي) بدلجي (هہِ) ٿي وڃي ٿي. |

لاڙڪاڻي واري محاوري ۾ ”آهي“ بدران [آ]. (آهہ) کان سواءِ ڪٿي (آهي) بہ چيو وڃي ٿو. البت شڪارپور توڙي لاڙڪاڻي جا ماڻهو ”آهي“ بہ چون ٿا. ”اٿم“ بدران ”ٿم

| معياري | شڪارپوري | تبديلي |
|---|---|---|
| اٿم | ٿمِ | شروعاتي (ا) ختم ٿي وڃي ٿي. |

مثال:

ڪيڙهو ڪم ٿمِ، جو هرو پرو سڪر وڃان.

شاعريءَ مان مثال:

”ڪيون ٿم ڪينڪي نيڪيون، بديون باري رسول الله“

(مولاناامروٽي)

”روز ازل کان ان جي آهيان، باندي ٿَمِ هت ورهہ وسايان.

(مولانا امروٽي)

گهڙيءَ گهڙيءَ ٿمِ تانگهہ

(مولانا امروٽي)

”ڇا ڪندَسِ مان مالا خزانا، لوئي اباڻي ٿمِ ليڙ“

(مولانا امروٽي)

”پرت پنوهارن رڳ رڳ تاڻي. اٿئي ويني ٿَمِ ڪرت ڪهاڻي“

(مولانا امروٽي)

## اٿئي:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | تبديلي |
|---|---|---|
| اٿئي | اٿي - ٿي | (ٿئي) بدران (ٿي) يا |

پهريون (ا) ختم ۽ (ٿئي) بدران (ٿي)

مثال:

”مون ۾ ڪيڙهو ڪم ٿي“

”اٿي ڪا سوچ ته پڙهڻو بہ آ“

شاعريءَ مان مثال:

”اٿي مهانگو، سامي سودو پريم جو“ (سامي)

## زمان ماضي ۾ ڪجهہ صورتون:

| ڌاتو | معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | لاڙي |
|---|---|---|---|
| وَس | وَٺو | وسيو | وسيو |
| وَٽ | ورتو | وٽو - ودو | وٽيو |
| لاءِ | لاتي | لائي | لائي |

”لائي“ صورت لاءِ نظم مان مثال:

”عجب لنوَ ڪا پرين لائي، اٿي وينيٖ، سندن وائي “

(ملا صاحبڏنو، شڪارپور)

”وٽن ٽٽن لائي ڏاڍي گلڪاري، گاهن جي وٽي ساوڪ ساري“

(علي نواز علوي، شڪارپور)

”رام مــلڻ جبي راهہ، دل ۾ جــنهن لائي“

(بولچند چاڙيا شڪارپور)

”هيءَ ڪنهن لائي آه، اوديا ڏائڻ جيءَ ڪي، (سامي)

”ورتو“ بدران ”ودو“ ” وتو“ لاءِ شعر مان مثال:

”ودو جنهن پنجن جو گر گمر ٻل ڪسي“ (سامي)

## ڪن:

زمان حال ۾ (جمع) جي صورت ۾ فعل جي بنياد جي پويان (ن) ۽( تا) ملايو ويندو آهي، مثلا:

(گهمر) ۾ (ن) ۽ (تا) ملائي چئبو: گهمن تا.

(هَلُ) ۾ (ن) ۽ (تا) ملائي چئبو: هلن تا.

(ڏِسُ) ۾ (ن) ۽ (تا) ملائي چئبو: ڏسن تا.

(پَڙهہ) ۾ (ن) ۽ (تا) ملائي چئبو: پڙهن تا.

انهيءَ قاعدي موجب (ڪَر) ۾ بہ (ن) ۽ (تا) ملائبو، تہ ٿيندو ”ڪَرِن تا.“ معياري لهجي ۾ (ر) نڪري ويئي آهي. انهيءَ ڪري / ڪرن تا/ جي بدران چوندا: ”ڪن تا“. قديم زماني ۾ شڪارپور جي لهجي ۾ اها (ر) موجود هئي، ۽ چيو ويندو هو ”ڪرن تا“. شڪارپور واري علائقي جي پراڻن شاعرن جي شعر ۾ بہ ڪٿي ڪٿي ”ڪرن تا“ ڪتب آندل ملندو. هينئر بہ ڪي ڪي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ”ڪرن تا“ چئي وجهندا آهن. پر عام طرح شڪارپوري لهجي ۾ ”ڪن تا“ چيو ويندو آهي. البت جيڪب آباد واري لهجي ۾ اجا تائين عام طرح ”ڪرن تا“ چيو وڃي ٿو.

شڪارپور جي شاعرن جي شعر مان ”ڪرن“ جا مثال ڏجن ٿا:

”ڳالهہ نہ ڪرن ڳجهہ جي، ساسي اگهاڙيءَ“

(سامي)

”ڪرن ويٺيون ويچاران فڪر جاڻي“ (مولانا امروٽي)

**اسم حاليہ** : اهو لفظ جيڪو فعل جي بنياد مان ٺهي، ۽ اهو ڏيکاري، تہ هڪ ڪم هلندي، يا جاري رهندي، ٻيو ڪم ٿئي ٿو:

”ڪريم ۽، نديم وٺان ٿيندو، هٽ ايندو.“

”ٻار روئندو گهر ويو“

”علي بخش گهمندو ڦرندو گهر آيو“

اسم حاليہ مان ”ڌاتو“ سان (آندو)، (يندو)، (اِندو) يا (دو) ملائڻ سان ٺهندو آهي. شڪارپوري محاوري ۾ (آندو) (اِندو) ۽ (يندو) بدران (دو) پڇاڙي ملائي وجي ٿي، انهيءَ سلسلي ۾ ٻيٺ هيٺ ڏجي ٿي:

| ڌاتو | معياري محاورو | سريلي ۽ لاڙڪاڻي وارو محاورو | شڪارپوري محاورو |
|---|---|---|---|
| هَلُ | هلندو | هلندو | هلدو |
| مار | ماريندو | ماريندو | ماردو |
| گهم | گهمندو | گهمندو | گهمدو |
| ڦِرُ | ڦرندو | ڦرندو | ڦِردو |
| ٻَچ | ٻچندو | ٻچندو | ٻچدو |
| هَلُ | هلندو | هلندو | هلدو |
| چَڙهہ | چڙهندو | چڙهندو | چڙهدو |
| ڦاس | ڦاسندو | ڦاسندو | ڦاسدو |
| پَڙُهہ | پڙهندو | پڙهندو | پڙهدو |
| ڊِج | ڊِجندو | ڊِجندو | ڊِجدو |
| موڪلِ | موڪليندو | موڪليندو | موڪلدو |

شڪارپوري محاوري جي اها خاص خوبي آهي تہ (دو) پڇاڙي اڳيان (آندو)، (اِندو) ۽ (يندو) بدران (دو) ڪتب آڻيندا آهن. انهيءَ ڪري جڏهن شڪارپوري ڳالهائيندا، تہ پريئون پڌرا ٿي پوندا، تہ شڪارپوري پيا ڳالهائين. گهمدو، ڦردو، هلدو، وغيره فقط شڪارپوري ئي ڳالهائيندا آهن. شڪارپور شهر کان سواءِ شڪارپور ضلعي، سکر ضلعي ۽ جيڪب آباد ضلعي جا رهاڪو بہ ائين ئي اچار ڪيندا آهن. باقي سريلي جي ٻين ضلعن لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ۾ ائين ڪونہ ڳالهائين، پر معياري محاوري وانگر گهمندو، ڦرندو، هلندو ڳالهائين.

مٿي ڏنل صورتن جي پويان فعلي صورت "سانس" بہ ايندي آهي. شڪارپوري محاوري ۾ "سانس" جي بدران "مانس" ايندي آهي. ۽ (سا) پڇاڙي بدران (م) پڇاڙي ايندي آهي. مثلاً

| معياري | شڪارپوري |
|---|---|
| موڪليندو مانس | موڪلدو مانس (هن ڏانهن موڪليندس) |
| ماريندومانس | ماردو مانس، (هن کي ماريندس) |
| موڪليندس | موڪلدم |
| وڙهندس | وڙهدم |
| پڙهندس | پڙهدم |
| لکندس | لکدم |
| ٿاهيندس | ٿاهدم |

**اسم فاعل:** اهو لفظ آهي، جيڪو فعل جي ڌاتوءَ مان ٺهي، ۽ جملي ۾ ڪم ڪندڙ جي معنيٰ ڏيکاري، مثلاً گهمندڙ، لکندڙ،

پڙهندڙ وغيره. هن ۾ بہ شڪارپوري محاوري ۾ (نون غنو) ڪونہ تو اچي، مثلاً :

| ڌاتو | معياري | شڪارپوري |
| --- | --- | --- |
| گهُم | گهمندڙ | گهمدڙ |
| لِڪُ | لڪندڙ | لڪدڙ |
| پڙ | پڙهندڙ | پڙهدڙ |
| پَچ | پچندڙ | پچدڙ |

ان مان معلوم ٿيندو، تہ شڪارپوري محاوري ۾ ڌاتو اصل صورت ۾ آئي، ان سان (دو) پڇاڙي ملائي وڃي ٿي، يعني ڌاتوءَ جو پويون حرف "گهم" ۾ (م) (ڦرُ) ۾ (ر)، (پڙهہ) ۾ (ڙهہ) جيئن ڌاتو ۾ ساڪن آهي، تيئن شڪارپوري محاوري جي فعلي صورت ۾ بہ ساڪن رکي، ان سان (دو) ملائي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري فعلي صورتون بيهن ٿيون: "گهمدو"، "ڦرندو"، "پڙهدو"، " گهمدڙ"، پڙهدڙ وغيره. معياري محاوري ۾ ڌاتو جي پوئين حرف ساڪن مان بدلائي، ان تي (زبر) ڏئي، پوءِ پڇاڙي (اِندو)، آندو (يندو) ملائي وڃي ٿي. انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي، تہ شڪارپوري محاوري جي هيءَ فعلي صورت اصليت جي ويجهو آهي.

**زمان حال استمراري:** هن ۾ جملي جي آخر ۾ "تو" جي پويان "پيو" بہ ايندو آهي. مثلاً :

مان وڃان تو پيو.

مان لڪان تو پيو.

مان ڏسان ٿو پيو.

مان ڊڪان ٿو پيو.

سرائيڪي زبان ۾ اهو زمان رائج آهي، سنڌي محاورن مان سريلي محاوري جي فقط شڪارپور، جيڪب آباد ۽ سکر ضلعن جي لهجن ۾ رائج آهي. جيڪب آباد ۽ سکر ضلعن ۾ ته انهيءَ زمان جو عام رواج آهي، پر شڪارپوري محاوري ۾ به ڪجهه قدر استعمال ٿئي ٿو، مثلاً شڪارپوري لهجي موجب :

"مان به ائين ڪري سگهان ٿو پيو، پر مڙي ٿو وڃان."

## ظرف:

اهو لفظ آهي، جيڪو فعل صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو، ۽ جنهن مان وقت، جاءِ، ريت، قدر يا ناڪار وغيره جي معنيٰ نڪري ٿي، مثلاً :

اسلم تڪڙو ڊوڙيو (٢) اسلم تمام تڪڙو ڊوڙيو (٣) اسلم تمام تڪڙو چوڪرو آهي.

پهرين جملي ۾ "تڪڙو"، ظرف تميز آهي، ۽ فعل" ڊوڙيو" سان لڳي ٿو، ٻئي جملي ۾" تمام تڪڙو" سان لڳي ٿو، جو ظرف آهي، ٽين جملي ۾ "تمام"، تڪڙو سان لڳي ٿو، جو صفت آهي.

ظرف جا مختلف قسم آهن، جهڙوڪ : ظرف مڪان (جاءِ ڏيکاريندڙ) ظرف زمان (وقت ڏيکاريندڙ)، ظرف تميز (ريت، دستور يا ڍنگ ڏيکاريندڙ)، ظرف مقدار (مقدار يا انداز ڏيکاريندڙ)، ظرف استفهام (سوال پڇڻ ۾ ڪم ايندڙ)، ظرف تشبيهه (ڀيٽ ۾ ڪتب ايندڙ)، ظرف اثبات (پڪ يا خاطري ڏيندڙ)، ظرف خاتمه (پڇاڙي

ڏيڪاريندڙ)، ظرف سيرت (خاصيت ڏيڪاريندڙ)، ظرف قبول (قبوليت يا هاڪار ڏيڪاريندڙ)، ظرف نفي (ناڪار ڏيڪاريندڙ)، ظرف اشتباهہ (شڪ ڏيڪاريندڙ).

سنڌيءَ ۾ بنيادي ظرف (جيڪي فقط ظرف تي ڪم اچن ٿا)، اهي بلڪل ٿورا آهن. اهي عدد يا جنس ۾ نہ مٽبا آهن. انهن کي "اوڪاري ظرف" سڏيو ويندو آهي. اهي هي آهن: امالڪ، هيڪاري، اجا، بنهہ، پٺيءَ، مور، جيڪس، نڇاٽا، شايد، چو، چٽڪ، مس، نہ، نيٺ، جيڪس، هوند، هاڻي جهٽ، هيئنر، هروڀرو وغيره.

**(١) ظرف مڪان :** هي آهن: ٻاهر، اندر، هتي، جتي، ڪٿي، چوڌاري، ويجهو، پري، اوري، هيٺ، مٿي، هر جاءِ، هر طرف، اڳيان، پويان، جيڏانهن، تيڏانهن وغيره.

شڪارپور جي محاوري ۾ ڪن ظرفن ۾ هن طرح تبديلي ٿئي ٿي:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاور | تبديلي |
| --- | --- | --- |
| جتي | جاتي | (ج) تي آيل (ا) بدلجي (ا) ٿئي ٿي. |
| ڪٿي | ڪاتي | (ڪ) = = (ا) = (آ) = = |
| جيڏانهن | جاڏي | (ج) سان آيل (اي) بدلجي(آ ) ٿئي ٿي، (ڏ) واري (آ) بدلجي (اي) ٿئي ٿي، ۽ (انهن) ختم ٿئي ٿي. |
| تيڏانهن | تاڏي | هن ۾ بہ ساڳي صورت آهي، پر (ج) جي بدران (ت) آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| ڪيڏانهن | ڪاڏي | هن ۾ بہ ساڳي صورت آهي پر (ج) = = (ڪ) آهي. |
| هوڏانهن | هوڏي | (هہ) جي (او) ساڳي (ڏ) جي( ) بدلجي (اي) تي آهي ۽ پويون (نهن) ختم تي ويو آهي. |
| تيڏانهن | تاڏي | (ت) جي (اي) بدلجي (آ ) تي، باقي بي صورت اڳين وانگر ٿئي ٿي. |
| اوڏانهن | اوڏي | ساڳي هوڏانهن واري تبديلي |
| هوڏانهون | هوڏنهون | (ڏ) جي (آ ) بدلجي (او) ٿئي ٿي. |
| اتاهون | اتئون | (ت) جي (آ ) بدلجي (آ) ٿـئـي ٿـي، ۽ (هون) بدلجي (اون) ٿئي ٿي. |
| مٿانهون | مٿئون | (ٿ) جي (آ ) = (آ ) ٿـئـي ٿـي، ۽ (هون) بدلجي (اون) ٿئي ٿي. |
| ڪيڏانهون | ڪاڏئون | (ڪ) جي (اي) بدلجي (آ ) ٿئي ٿي، (ڏ) جي (آ ) بـدلجي ( آ) ٿـئـي ٿي ۽ (هون) بدلجي (ئون) ٿئي ٿي. |
| جتي | جاتي | (ج) جي (اِ) بدلجي (آ) ٿئي ٿي. |
| ڪِتي | ڪاتي | (ڪ) جي (اِ) = (آ) = = |
| تِتي | تاتي | (ت) جي (اِ) = (آ) = = |

شڪارپور جي عام محاوري ۾ ظرف مڪان جون اهي ئي صورتون استعمال ۾ آهن. شڪارپور جي ڪن شاعرن بہ اهي صورتون ڪتب آنديون آهن. شعر جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مرگهہ جل هتن مان، ڪَڏي ڪِين ڪتي،

تڏي جيءَ چئي، جڏي جاڳي ڏسي جڳدسِ کي.

(سامي)

احپي اڏموئن تي، کندين مهر ڪَڏي،
تڙ ڦي تڙ ڦي تن مئون، ويندو ساهہ جڏي،
سامي چئي تڏي، ميلو کندين ڪن سان.

(سامي)

”ماٺهو ڄاڻ هوندو ڪنهن جاءِ تي، آئيندس مان اُتاهون، هوندو جاتي“

(مولانا امروٽي)

ڪاتي ڳوليان عرب يا روم يا شام“

(مولانا امروٽي)

واجهائي تـوريءَ ڪين ڪاڏي،
ڏسي توکي مٺا، جاڏيَ سوتاڏي.

(مولانا امروٽي)

ظرف تميز: هن ظرف جا هي لفظ آهن: تڪڙو، آهستي، هوريان، ڏاڍيان، تکو، ڄاٽي واٽي، اچانڪ، اٽڪل روءِ، جيئن تيئن، ڳجهيءَ طرح، ڪليو ڪلايو، دليون جانيون، دينا داستي.

شڪارپور جي عام محاوري ۾ آهستي جي بدران ”آستي“ اچاريو وڃي ٿو. ”اچانڪ“ جو استعمال نہ جهڙو آهي. ”دليون جانيون“ جي بدران ”دليئون جانيون“ ڪتب اچي ٿو. هوريان، ڏاڍيان، تکو جو استعمال سيني محاورن ۾ هڪ جهڙو آهي. ڄاٽي واٽي، جيئن تيئن ۽ دينا داستي جو استعمال ٻين محاورن جي ڀيٽ ۾ شڪارپور جي محاوري ۾ گهٽو آهي. مثال ڏجن ٿا:

(١) مون اهو ڪم جاڻي واڻي ڪيو آهي.
(٢) جيئن تيئن ڪري، پاڻ ڇڏائي اچي گهر پهتم.
(٣) سليم دينا داستي، اسلم سان ٺڳي ڪري ويو.

**ظرف زمان :** هن ظرف جا هي لفظ آهن: اڄ، سڀاڻي، هاڻي، هينئر، اڳي، پوءِ، وري جڏهن، تڏهن، سدائين، ورلو، هڪدم، يڪدم، پرهين، تڏهانڪر، جڏهانڪر، هر گز، اڃا، يعني، اڪثر، باربار، گهٽو ڪري.

هن مان تڏهانڪر ۽ جڏهانڪر، شڪارپور جي محاوري ۾ ڪتب ڪونہ ٿا اچن. لاڙ جي محاوري ۽ شاهہ جي شعر ۾ ملن ٿا. معياري محاوري ۽ شڪارپور جي محاوري ۾ انهن بدران "جڏهن ڪان" ۽ "تڏهن ڪان" استعمال ۾ آهن. "جڏهن" ۽ "تڏهن" جي بدران "جڏي" ۽ "تڏي" ڪتب آچن ٿا. سامي جي سلوڪ ۾ بہ آيو آهي:

تڏي پرم ويو، جڏي جاڳي جڙيو پاڻ سان"

"هڪدم" شڪارپوري محاوري ۾ بہ اچي ٿو، پر ان ڪان وڌيڪ، ۽ يڪدم ڪم اچي ٿو. "يڪدم"، "هينئر" بدران گهٽو ڪري "هاڻي" ڪتب اچي ٿو. انهن ڪان سواءِ شڪارپور جي محاوري ۾ "هربي هربي" مستعمل آهي. معياري محاوري ۽ ٻين محاورن ۾ اهو لفظ استعمال ڪونہ ٿو ٿئي. ان جو مطلب آهي: "هر وقت هر وقت". يعني هر پيري هر پيري "پيري" بدلجي "بي" ٿيو آهي. مثال ڏجي ٿو:

"هربي هربي اچي ٿو تنگ ڪرين، هڪ دفعو چيم تہ مان ڪان

ڪم تي نہ سگهندو.“

**٣ـ ظرف استفهام:** هن لاءِ هي لفظ اچن ٿا: ڪٿي، ڪيئن، ڪڏهن، ڪٿان، ڇو، ڪيستائين، ڇاڪون، ڇالاءِ، ڇاڪاڻ، ڪڏهانڪر.

شڪارپور جي محاوري ۾ ڪڏهانڪر بلڪل استعمال ڪونہ ٿو ٿئي. ”ڪِٿي، جي بدران ڪاٿي، ”ڪڏهن“ جي بدران ”ڪڏي“، ”ڇا ڪون“، ”ڇالاءِ“ ۽ ”ڇاڪاڻ“ جي بدران گهڻو ڪري ”ڇو“، ”ڇالاءِ“ ۽ ”ڇاڪئون“ ڪتب اچن ٿا.

**ظرف نفي:** هن ظرف لاءِ، ڪين، نہ، م، متان، وغيره. استعمال ٿين ٿا. هن مان”هہ“ ”معنيٰ نہ“ جو استعمال شڪارپوري محاوري ۾ ڪو نہ ٿو ٿئي. باقي ٻيا لفظ ڪين، نہ، متان وغيره ڪتب اچن ٿا.

**ظرف خاتمہ:** هن لاءِ هي لفظ استعمال ٿين ٿا: نيٺ، آخر، مطلب تہ، قصو ڪوتاهہ.

شڪارپور جي محاوري ۾ هي لفظ تہ ڪتب اچن ٿا، پر ”انت“ لفظ بہ مستعمل آهي. هي لفظ فقط شڪارپور جي محاوري ۾ ئي ملي ٿو. ڪي ماڻهو تہ ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻو ڪم آڻيندا آهن، ڄڻ تہ اهو انهن جو تڪيو ڪلام هوندو آهي. مثال ڏجن ٿا:

”جمع ڪي ڳولهي ڳولهي تڪجي پيم، انت وڃي هٿ ڪيو مانس“

”ڪيترو لوائي ڪيترو لوائيندين، انت مون وٽ اچڻو پوندءِ“

”ڪم بہ ڏاڍا ها، پر انت تنهنجي محبت ڇڪي آندو. ”اچڻ ئي نہ ٿي ٿيو، انت اچي نڪتس، تو ۾ ڪم بہ آهي، بهانا ڪندين“

انت توکي ڪم ڪرڻو پوندو. پنهنجا ڪم سيڙائي بہ انت توکي ڪراچي وجي، منهنجو ڪم ڪرائي اچڻو آ. ڇا بہ ٿي پوي انت توکي منهنجو منهن مٿي ڪرڻو آ.“

”مَدّعا“ عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي : مطلب، مراد، مقصد. هي لفظ شڪارپور جي محاوري ۾ ”مُـدا“ ٿيو آهي، ۽ آخر ڪار جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. سنڌي زبان جي ٻي ڪنهن محاوري ۾ انهيءَ معنيٰ ۾ ڪتب ڪمـ اچي ٿو. شڪارپور جي علائقي جا عام ماڻهو بہ هي لفظ ان معنيٰ ۾ اچارين ٿا. مثال ڏجي ٿو:

”مدا، شهزادي تڪليفون سهي وجي اهو گل هٿ ڪيو، جنهن جو شهزاديءَ شرط رکيو هو.“

”تڪليفن جون ڪهڙيون ويهي ڳالهيون ڪيان، مدا پهچي ويس“

جمع :

شڪارپور جي لهجي جي هڪ مک - سڃاڻپ ”جمع جي نشاني“ بہ آهي. معياري ۽ لاڙي محاورن ۾ واحد مان جمع بنائڻ لاءِ ”واحد، جي پويان (اون) پڇاڙي آندي ويندي آهي. سريلي ۽ شڪارپور جي محاورن ۾ (آن) پڇاڙي آندي ويندي آهي. مثلاً:

| معياري | شڪارپوري | واحد |
|---|---|---|
| ڪٽون | ڪٽان | ڪٽ |
| سرون | سران | سِرَ |
| قبرون | قبران | قبر |

| واحد | شڪارپوري | معياري |
|---|---|---|
| ڪُوڪ | ڪوڪان | ڪوڪون |
| صلاح | صلاحان | صلاحون |
| ڪارڪَ | ڪارڪان | ڪارڪون |
| سليٽ | سليٽان | سليٽون |
| جڳهہ | جڳهان | جڳهون |
| ٽَنگ | ٽنگان | ٽنگون |
| ميار | مياران | ميارون |
| قميص | قيمصان | قميصون |
| چيٽ | چيٽان | چيٽون |
| لام | لامان | لامون |
| دانهن | دانهان | دانهون |
| ريهہ | ريهان | ريهون |

پڙهيل لکيل شڪارپورين ۾ معياري محاوري جي اثر سبب "ئون" پڇاڙيءَ جو رواج ڪجهہ قدر پئجي رهيو آهي. جيڪب آباد واري محاوي ۾ (آن) پڇاڙيءَ جو رواج اجا بہ وڌيڪ آهي. هو چون:

حقيقتان، نصيحتان، مصلحتان، فرمائشان، بندوقان، رائفلان، صلاحان، جيپان، ڪاران، (واحد : ڪار) عادتان وغيره.

شڪارپور جا شاعر ۽ ڪجهہ نثر نويس بہ جمع لاءِ (آن) پڇاڙي ڪتب آڻيندا رهيا آهن. ماضي قريب جي شڪارپور جي شاعرن جي شعر مان مثال ڏجن ٿا:

"ثمر پن ڏار، ۽ لامان سِموري خلق ہي ڄاڻج"

(هيرن جو هار - غلام علي مسرور)

"سدائي ساهہ مئون سڪندي، ڪري دانهان رسول الله"

(مولانا امروٽي)

"پسڻ ڪارڻ پرين تنهنجي تڪيان راهان رسول الله"

(مولانا امروٽي)

"ماڻين موجان محبت وارا، ٻيا ڇا ڄاڻن عام ويچارا"

(مولانا امروٽي)

"روز ريهان، يار ڪيهان، ٿو جدائيءَ ڪان ڪيان"

(آغا صوفي)

"انئي پهر عجيب سان ملي موجان ڪن"

(سامي)

"جيئن سنک ڪري دانهان، نت درد ري"

(سامي)

ادغام يا سنڌي: (Assimilation)

ڪاڪو پيرو مل ادغام جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"ادغام ۾ ڪنهن ساڳي لفظ جون ٻہ اعرابون پاڻ ۾ ملي هڪ ٻي علحدو اچار پيدا ڪن ٿيون، جيئن "پهچڻ" مان پهتو يا "پوتو"

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"ادغام= لغام چاڙهڻ، ڪنهن بہ هڪ حرف کي ٻئي متجانس يا هم مخرج حرف سان گڏ شُد ڏيئي پڙهڻ يا ٻن حرفن جو پاڻ ۾ گڏجڻ وغيره".

پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو:

”جملن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جو پويون آواز ٻئي لفظ جي پهرين آواز ۾ سمائجي ويندو آهي، يا هڪ ئي لفظ جي اندر هڪ آواز، ٻئي پر واري آواز جي اثر سببان ڦري ٻيون آواز ٿي پوندو آهي. صوتيات ۾ ان کي ادغام يا سنڌي (Sindhi) سڏبو آهي.

سنڌي ادغام جا ٻه قسم بيان ڪيا ويا آهن: داخلي (Internal) ۽ خارجي External) • داخلي ادغام لفظ جي اندر واقع ٿئي ٿو، جيئن ”سَمڌي“ بدران ”سنڌي“، ڇاڪاڻ جو (ڌ) جو مخرج مٿئين ڏندن جو اندريون پاسو آهي، جنهن جي اثر سببان (م) جنهن جو مخرج ٻه چپ آهن، ڦري (ن) ٿيو آهي، جنهن جو مخرج محارون يا مٿين ڏندن جو اندريون پاسو آهي. سنڌي ۾ ”انب“ جو اچار ”امب“ ٿيو آهي، جنهن ۾ (ب) جي اثر سان (ن) ڦري، (م) ٿي پوي ٿو.

شڪارپور جي لهجي ۾ ”سيڪو“ ڦري سبڪو ٿيو آهي. انهيءَ ڪري، جو (ڪ) اوسرگ آهي، جنهنجي اثر ڪري، وسرگ (ٻ) بدلجي اسرگ (ب) ٿيو آهي. شڪارپوري محاوري ۾ لفظ ”تيت“ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: تاريخ. اصل ۾ لفظ آهي: ”ٿَت“ (ت) جو وسرگ آهي (ٿ) انهيءَ ڪري (ت) ۽ (ٿ) ۾ ادل بدل ٿي آهي. هي لفظ فقط شڪارپوري محاوري ۾ ڪتب اچي ٿو.

خارجي ادغام جملي ۾ اندر گڏ ايندڙ ٻن لفظن جي وچ ۾ واقع ٿيندو آهي. جڏهن هڪ لفظ جو پويون آواز، ان جي پويان ايندڙ لفظ

(١) آڏواڻي ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ. (ص ٣٤٢)
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : جامع سنڌي لغات، جلد پهريون (ص ١٥٦)
(٣) پروفيسر علي نواز جتوئي : علم لسان ۽ سنڌي زبان (ص ٩٣-٩٢)

جي پهرين آواز سان هم مخرج يا قريب المخرج هوندو آهي، تڏهن پهرين لفظ جو پويون آواز ۽ ٻي لفظ جو پهريون آواز هڪ ٻي ۾ سمائجي ويندا آهن. شڪارپور جي محاوري مانِ خارجي ادغام جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| ٻہ لفظ | ادغام کان پوءِ صورت | ادغام جو سبب |
|---|---|---|
| ڏري تتي | ڏر تتي | ڏرتي جي پوئين پوئين (ت - اي) پوئين لفظ جو پهريون آواز ساڳيا آهن |
| ٻيو ٻي | ٻيٻيو | (ب) ۽ (ٻ) قريب المخرج آهن انهيءَ ڪري (يو) ۽ (اي) ادل بدل تي ويا آهن |
| ڪم نہ | ڪن نہ | هن ۾ (ڪ) ۽ (ن) قريب المخرج آهن، انهيءَ ڪري ٻئي لفظ ملي هڪ لفظ تي ويا آهن. نہ فقط ايترو، پر (ڪن) کي (ڪم)مان بنائي، (نہ) جدا آندو ويو آهي. |

مثال :

”ماءُ پنهنجي پٽ کي چيو: ڏر تتيءَ جو وتين ٿو رلندو، گهر اچي ويهہ“

آفيس ايندين ڪن نہ؟“

”تو ۾ ٻيٻيو ڪم آهي“

## باب پنجون

# شڪارپور جي محاوري جون ڪجهہ بيون خصوصيتون

ڳالهائڻ جي انداز، لفظن جي استعمال جي لحاظ کان شڪارپور جي محاوري جون ڪجهہ بيون خصوصيتون بہ آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيونَ

١. اگر ڪو اچي چڪو آهي، تہ شڪارپور شهر جا رهاڪو "آٿائڻ" بدران گهڻي قدر لفظ " گهرائڻ" ڪتب آڻيندا آهن.

"مان ڪي ڪراچيءَ مان ڪجهہ چيزان گهرائيون آهن"

٢ . شڪارپور جا رهاڪو خَير ("خ" تي زبر بدران "خير" (اِي" بدران" اي") چوندا آهن:

٣. شڪارپوري لفظ "ني" فعل جي پويان هڪ خاص انداز ۾ چوندا، جنهن مان صاف ظاهر ٿيندو آهي، تہ شڪارپوري پيو ڳالهائي. چوندا :

(١) ويو ني (٢) ڪراچيءَ ويندي ني، ڪن نہ (٣) ماني کائڻ اچو ها ني (۴) آيوني (۵) هلو هاني (٦) ايندءَ ني (٧) ڏٺوَ ني، تہ ڪيئن پيو آڪڙجي. (٨) تهان پيي اچو ها ني، (٩) اٿ ني، هل ني.

يعني ڪنهن کي خطاب ڪرڻ وقت لفظ "ني" چيو ويجي ٿو، جنهن جي ڪا جدا معنيٰ تہ ڪونهي، پر اهو فعل کي زور دار ۽ چٽو بنائي ٿو. ان ۾ پيار ۽ پنهنجائپ جو مفهوم بہ سمايل آهي. بين لهجن ۾ ان جي بدران ڪڏهن (نہ) ڪتب آندو ويندو آهي، پر ان

۾ اهو رس رچاءُ ۽ معنويت ڪانهي.

هن لفظ جي اصل نسل جي جاچ ڪندي منداري ٻولين ۾ "نا" لفظ مليو. منداري ٻولين ۾ ڪنهن ويجهي مائٽياڻي کي سڏڻ وقت "نا" لفظ استعمال ڪندا آهن. موهن جي دڙي مان دراوڙي نسل جي ماڻهن جا آثار به مليا آهن. تہ منڊا نسل جي ماڻهن جا نشان به مليا آهن. ان ڪان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ دراوڙي ٻولين جا آثارُ ۽ اهڃاڻ به مليا آهن، تہ منڊا ٻولين جا لفظ به نظر اچن ٿا. موچي، ٽاٽارو، ٻڪرو ۽ ٻاڙو منبداري ٻولين جا لفظ آهن، انهن مان ٻاڙو ۽ ٻڪرو شڪارپوري لهجي ۾ گهڻو ڪتب اچن ٿا. انهيءَڪري چئي سگهجي ٿو، تہ "ني" منداري ٻوليءَ جي "نا" جي بدليل صورت آهي.

۴. شڪارپوري لهجي ۾ (ڙ) تعضير جو استعمال گهڻو ٿيندو آهي. مثلاً چوندا "ٻايڙا، هتڙي ويهہ". ويهہ جي پڇاڙي ۾ پيش تصغير جو اچار تي زور ڏيئي، ان کي سهڻي ڍار سان ڏگهو ڪندا. انهي ڪري گفتگو ۾ ميناج پيدا ٿئي ٿو."(١)

اهڙيءَ طرح "منا" کي "منڙا،، "رنا" کي "رُنڙا"، ٿُنا کي "ٿنڙا" ۽ "ڦنا" کي "ڦنڙا" ڪري به اچاريندا آهن. "ادل" کي "ادلڙا" ۽ "پٽ" کي "پٽڙا" به ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن.

۵ . من = هن جي لفظي معنيٰ تہ "دَل" آهي، پر شڪارپور وارا ڪنهن کي پيار سان مخاطب ٿيندي هي لفظ ڪم آڻيندا آهن. چوندا: "من" تنهنجو نالو ڇا آهي.

٦. لاڙڪاڻي جي عام محاوري ۾ "وڪڻ" لفظ استعمال ٿي

(١) ڪاڪو ڀيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ،" ١٩٧٢ع (ص ٩٩).

ڪونہ ٿيندو آهي. چوندا آهن:

"فلاڻي جاءِ ڪپائي (روڪي)"

"فلاڻو بس اسٽال تي بسڪوٽ ڪپائيندو آهي،"

"فلاڻو زمين ڪپائي ٿو"

شڪارپور شهر جا ماڻهو اِئين ڪونہ ڳالهائيندا آهن. (البت شڪارپور جي ڀرواڙيءَ جي ماڻهن مان ڪجهہ ائين ڳالهائيندا آهن. خاص طرح سان انهي علائقي جا ماڻهو، جيڪي لاڙڪاڻي ضلعي لڳ رهن ٿا.

لاڙڪاڻي جا ماڻهو "ٺهرائڻ"، "جوڙائڻ" تعمير ڪرائڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪونہ ڪندا آهن. هو ائين ڪونہ چوندا، تہ "فلاڻي جاءِ جوڙائي": ان جي بدران چوندا : "جاءِ هٽائڻ"، "جاءِ ڪٽائڻ" چوندا: "فلاڻي واهہ جو جاءِ هٽائي ڇڏي"، يا چوندا :"يت ڪٽائڻي آهي"

شڪارپور جا ماڻهو ائين ڪونہ ڳالهائيندا آهن - هو چوندا آهن:

"سليمان جاءِ ٺهرائي آهي."

"يت ڪي ڀيهر ٺهرائڻو آهي."

معياري محاوري ۾ جنهن واحد لفظ جي پويان (ي) نہ هوندي آهي، ان جي پويان (ين) ملائي جمع بنايو ويندو آهي. مثلاً "اک" جو جمع "اکين" ڪيو ويندو آهي. شڪارپور جي محاوري ۾ (ين) جي بدران (نِ) پڇاڙي ملائي ويندي آهي، انهي ڪري اکين جي بدران "اکنِ" چيو ويندو آهي. اهڙي طرح ان قسم جا ٻيا جمع بہ (ين) بدران (نِ) پڇاڙي ملائي ٺاهيا ويندا آهن.

٧. شڪارپور جا رهاڪو لفظ "گهرجي" جي بدران "ڪپي" به ڪتب آڻيندا هئا. شڪارپور جي نثر نويسن جي نثر مان اهڙا مثال ڏجن ٿا، جن ۾ ڪپي استعمال ٿيل آهي:

"هڪ ٻي سان وقت ناوقت اهنج سهنج ۾ همدردي ڪرڻ ڪپي"

("اسان جي ملڪ جا اسان تي حق"، مولوي عبدالڪريم چشتيءَ جو مضمون، شايع ٿيل ماهوار "سندو" سيپٽمبر ١٩٣٣ع (ص ٣٣).

"هينئر ظاهر آهي، ته دنيا ۾ صلح سانت ٿيڻ ڪپي،جنهن جي گهڻي جوابداري، آمريڪا ۽ انگلينڊ تي آهي"

("دنيا جو صلح ۽ هندستان" بولچند جو مضمون، شايع ٿيل ماهوار سندو جولاءِ ١٩٤٤ع، ص- ٤)

(٨) "ٻي" جي معنيٰ ۾ لفظ "اور" فقط شڪارپوري محاوري ۾ ڪتب اچي ٿو.

مثال:

"هي ڪپڙو اورِ قسم جو آهي"

"هي ماڻهو ٻي اورِ نموني جو آهي"

شڪارپور جي ڪن شاعرن ۽ نثر نويسن به اهو لفظ ان معنيٰ ۾ آندو آهي. ڪئلداس "فاني" پنهنجي هڪ مضمون "ماءُ"۾ لکي ٿو:

"جهٽ پٽ ڪيس دنيائي اور نظر آئي"

(ماهوار "سندو" آگسٽ ١٩٣٦ع، ص- ٥)

(٩) (ءِ) جي بدران (ائون) استعمال ٿئي ٿو، جيئن:

"سومر اتون جمع سيائي سڪر ويندا"

## (١٠) سرائڪي لفظ

(١) هن محاوري ۾ سرائڪي زبان جا ڪجهه اهڙا لفظ داخل ٿيا آهن، جيڪي ٻين محاورن ۾ ڪونه ٿا ملن. مثلاً:

ڏائڻ = وهنجڻ، وهنجڻ جي معنيٰ ۾ هي لفظ سرائيڪي زبان ۾ مروج آهي.

ٻَيءِ = مڙس (ٻئٽين = مُڙسَنهِن) مثلاً هڪ عورت ٻيءَ کي چوندي :"ٻئٽين ڪاڏي ويو آهي"

جهامر: لاڳيتو ڏڪ. حضرت مولانا امروٽي هي لفظ هن طرح آندو آهي.:

"سورن لاتس آندر ۾ درد جي جهامر"

نِيڙي= ختم ڪئي. حضرت مولانا اهو لفظ هن طرح آندو آهي.

"برهه اوهان جي بيوس ڪيڙي، سرت هئڻ جي ساري نيڙي"
پرت ڪيون اهڙيون ڪاريوَن"

ڪول = پاڻ وٽ. حضرت مولانا امروٽي، اهولفظ هن طرح آندو آهي:

"ڪول وهار ته "حسَنَ" نهاري، مال مڏيون سڀ گهوري."

هو وڻ : هجڻ. ڪڏهن ڪڏهن ڪن شاعرن "هئڻ" جي بدران "هوو" استعمال ڪيو آهي. مثلاً:

"ساڻ نفيءَ جي نفس نه مارئي، هستي هو وڻ مور نه
ڳاريئي،جڏي دوئيءَ جو دستور"

(مولانا امروٽي)

”رهي هو وڻ نہ اُت ڪائي، پرت جن پور سان پائي“

(مولانا امروٽي)

”يار تہ توسان سدا، تون فڪر ۾ هووڻ سندي“

(مولانا امروٽي)

ڪريندا = ڪندا. سامي پنهنجي سلوڪن ۾ ڪن هنڌ ”ڪندا“ جي بدران ”ڪريندا“ ڪتب آندوآهي. مثلا:

”سچ سچاتو جن، سي ڪوهہ ڪريندا ڪوڙ ڪي“

”تن ڪي ڪوهہ ڪريندو ڪال، جي مرڻ ڪئون اڳي مئا“

اتارنهن: ارڙهن سامي لفظ ”اتارنهن هن طرح آندو آهي:

”ڇهہ اتارنهن چار، ڳالهہ چون ٿا هڪڙي،“

ڏَنڪَ = ٺوڪ، مثال:

”ڏنڪَ نہ ڪر، تہ ڪيانءِ نہ سڏو.“

(۱۱) فارسي زبان جو اثر: جيئن تہ هتي ڪجهہ عرصو پٺاڻن جي حڪومت رهي، انهيءَ ڪري ڪيترا فارسي ۽ پشتو لفظ هتي جي عام محاوري ۾ داخل ٿي ويا آهن. انهيءَ ڪري اهي لفظ ماضي قريب ڪان عام محاوري طور مستعمل آهن:

نت = هميشه، آغا صوفي پنهنجي شعر ۾ اهو لفظ هن طرح آندو آهي:

”هجر ڪان هوت عاجز جي، اکيان نت آب جاري آ،“

انت = آخر، نيٺ، نهايت.

پيشن / پيشي= شام جو وقت فارسي لفظ آهي: ”پيشن“، جنهن جي معنيٰ آهي : ٻيپهريءَ جو وقت. هي لفظ فقط شڪارپور

جا ماڻهو استعمال ڪن

ٽا. شڪارپور جي محاوري ۾ "پيشن" به ڪتب اچي ٿو، ته انهيءَ ئي معنيٰ ۾ "پيشي" به. يعني "پيشن" هتي بگڙجي "پيشي" ٿيو آهي. مثال:

پيشيءَ جو اچجانءِ، ته ڪتاب ڏيندو مانءِ."

ڀهرو = فائدو، نصيب قسمت. ئي فارسي ۾ لفظ "بهره" جي اها معنيٰ آهي. هي لفظ عام محاوري ۾ به اچي ٿو، ته شاعرن به استعمال ڪيو آهي. مولانا امروٽي فرمائي ٿو:

"بخشش جو ڀهرو گهران ٿو، ڏيب ڏي اهڙو ڪريم"

بيڪاري: شڪارپور جي لڳ "بيڪاري، نالي ڳوٺ آهي. اتي "بيڪاريءَ نالي ذات جا ماڻهو رهن ٿا، جيڪي سبزيءِوڪيندا آهن، ۽ شڪارپور جي منڊيءَ ۾ آئيندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته "بقالي" مان ڦري "بيڪاري، ٿيو آهي. ڇاڪاڻ جو فارسي ۾بقال = سبزي وڪڻڻ وارو."

نافت = اڻ هوند، کوٽ.

ماضي قريب ۾ شڪارپور جي شاعرن ۽ نثر نويس ان به اهو لفظان معنيٰ ۾ آندو آهي، مثلاً:

"اڄ سڄي هندستان ۾ ڪپڙي جي نافت ٿي پئي آهي"

(بولچند راجپال جو مهتممي نوٽ، ماهوار سندو، مارچ - اپريل ١٩٤٥ع، ص - ٩)

افراتفري = هل چل، گهٻراهٽ.

مدا = عربي لفظ "مدعا، بگڙجي "مدِا" ٿيو آهي. معنيٰ اٿس :

مطلب، مراد، مقصد، شڪارپوري محاوري ۾ مدا انهي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو.

شامت = بدقسمتي، مصيبت. ماضي قريب جي نثر مان مثال:

"برهمڻ جو فرض هو، تہ هن شامت جي وقت ۾ هو پنهنجا ڪيسا ڪولي مظلومن جي مدد ڪن ها" (مهتممي نوٽ، سنڌو، جون ١٩٣٥ع، ص ٧٢).

مندفڪر = "فڪرمند" لفظ، عوامي محاوري ۾ ادل بدل ٿي، "مندفڪر" ٿي ڪم اچي ٿو.

مثال:

"حاجي، ائين ڇو وينو آن، ڪهڙي مندفڪريءَ ۾ آن"

عڪس = پاڇو: دشمني، ضد،ويرهن محاوري ۾ "دشمني" جي معنيٰ،۾ ڪتب اچي ٿو.

عڪسي= دشمن. مثال "سليم اسان سان عڪسي آهي"

تفيل = (اصل ۾ لفظ آهي. "تَلفَ" = ضايع، برباد، نقصان) هن محاوري ۾ هي عربي لفظ بگڙجي "تفيل" ٿيو آهي. هينئر اهو لفظ "ييل ۽ نقصان" جي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. مثال :

ڊورن فصل سڄو تفيلي ڇڏيو"

اَفراط = (اصل لفظ اِفراط") اجايو، زيادتي، حد کان وڌي وڃڻ.

**باب ڇهون**

## شهر شڪارپور جي ٻوليءَ
## جي خاص لفظن جي پٽي

شڪارپور جي محاوري ۾ اڳ ۾ ذڪر ڪيل لفظن کان سواءِ ٻيا اهڙا لفظ به ڪتب اچن ٿا، جيڪي ٻين محاورن ۾ يا ته مستعمل ئي نه آهن يا وري شڪارپور جي محاوري جي پيٽ ۾ تمام گهٽ استعمال ٿين ٿا. اهڙن لفظن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

**اَيَلَ** = آسرو، ٽيڪ، مثال : ”ابو امڙ وڏي آيل آهي“

**اَتَيَوءُ** = متان، شايد، امڪاني ضرورت. مثال : ”آتيو ڪان پيسا ڪنيون آيو هان“

**ارجهڻ** = الجهڻ (”ر“ بدلجي ”ل“ ٿيو آهي). منجهي پوڻ، ڦاسي پوڻ (”سُرجهو“ جو ضد). مثال : ”ڇا ۾ اڇي ارجهيو آن؟“

**اوٽپو** = چالاڪي، هوشياري.

**اوجهراڪي** = ننڍ جو گهيرٽ، جهوٽو، شعر مان مثال:

”اکين کي اوجهراڪي تنهن وٺي ويئي“ (مولانا امروٽي)

**آرس**= سستي، ڪاهلي. ماضي قريب جي نثر مان، مثال: ”جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا، ته اسان جو ملڪ ٻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، ته اِسان کي سستي ۽ آرس ڦٽو ڪرڻو پوندو.“ (بولچند راجپال جو مهتممي نوٽ، سنڌو آگسٽ ١٩٣٥ع، (ص-۴۴)

**اُڪرس** = گُهٽَ، پوست، مونجهه

**اليل** = پور، اڌما.

**اڻ ڪليل** = بيمار، هيڻو.

**اڪاٽڻ** = بند ٿيڻ. شاهہ لطيف ."اوڪاٽڻ" آندو آهي:

لالن جنين نہ لوءِ، تن جون اوڪاٽڻ نہ اکيون"

حضرت مولانا امروٽي "اڪاٽڻ" آندو آهي:

"نينهن ڇڏيا ٻيا خيال، جيڏيون جيءَ تان ويم اڪاٽي"

**اڪو** = سمورو، شعر مان مثال:

توڙي هن جو بند سر ٽٽي، يا اُڪو گهر ٻار بند"

(ماستر حبيب الله آزاد ڳڙهي ياسين جو نظم "چوڏهين صدي جي حالت" شايع ٿيل "سنڌو" اپريل ١٩٤٠ع، ص - ٢٥)

**اولاٽيون** = ٻهراڙيءَ ۾ ٻہ چار نوجوان گڏجي جهنگ وڃي ڪاٺيون ميڙي، ڀري ٻڌي گهر کڻي ايندا آهن. ان لاءِ چوندا آهن: "ڪاٺيون ڪرڻ تا وڃون." جنهن جاءِ تي ڪاٺيون ميڙي گڏ ڪندا ويندا آهن، ان کي "اولاٽيون"چوندا آهن، يعني اولاٽيون، معنيٰ "ڪاٺين گڏ ڪرڻ جي جاءِ."

**باڪَسُ** = شڪارپور جي عام محاوري ۾ ماچيس کي "باڪَسُ" چوندا آهن.

بدبدو = لفظي معنيٰ: پاڻيءَ جو ڦوٽو، ڦوڪٽو. هن محاوري ۾ اصطلاحي معنيٰ آهي: ڏاهہ، بهتان. مثال:

"ڳالهہ ۾ آهي ڪجهہ ڪونہ، اجايو کڻي بدبدو ٻڌو اٿائين"

**ٻَڌَ** = ڀري، وڏي هڙ.

**بڪوات** = "بڪواس" بدران عام محاوري ۾ "بڪوات" چوندا آهن. مثال: "بڪوات بند ڪر، نہ تہ ڏيندو سانءِ مار"

**بود** = مستي، مثال:

"جمعو بود ۾ اچي تپا تينگ ڏيڻ لڳو."

هي لفظ جغدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ بہ ساڳي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو.

**بتر** = خراب - اصل ۾ "بدتر" بدلجي بدتر ٿيو آهي. (ب) ۽ (ت) جيئن تہ، قريب المخرج آهن، انهيءَ ڪري (د) ۽ (ت) ملي، فقط (ت) ٿيو آهي.

**بيک** = ويس، لباس.

**بکيڙو**= ڦڏو، جهيڙو.

**ٻوڪڙ** = وڏو آواز، مثال: "هرو ڀرو ٻوڪڙ نہ ڪر." ٻين محاورن ۾ "ٻوڪٽ" ڪتب اچي ٿو.

**ٻنگر** = "وٽن ۾ نون ڦٽل گلن جي قطار، ڪچو گل، گونچ ۽ ڪچوسنگ، ٻور جهالر - مثال:

"وِٽن جي ٻنگر تہ ڏس، ڪيڏي نہ سهٽي ٿي لڳي"

"رئي جي ڪنارن جي ٻنگر، واهہ جو ڀَريل آ."

ٻين محاورن ۾ ان معنيٰ لاءِ لفظ "ٻنگ" استعمال ٿئي ٿو.

**ٻن سين ۾ سج** = ٽاڪ منجهند. مثال:

"ماءُ پٽ کي چيو :ٻن سين ۾ سج آ، ابا ٻاهر نہ نڪرجانءِ."

هن معنيٰ لاءِ "ڏرتتي - ٽاڪ منجهند - ڪانو جي اک ٽي نڪري"، بہ

استعمال ٿيندا آهن.

**ٺهوت يا ٺاهوت** = "تڪبر". مثال:

"اسلم ٺهوت مچائي ڏني آ، تہ جلد ڪر تہ ڪراچيءَ هلون."

ماضي قريب جي شڪارپور جي شاعرن ۽ نثر نويسن بہ هي لفظ ڪتب آندو آهي.

**ٺَـوءُ** = تپش مثال:

"ڏاڍو سيءُ آ، اچي باھہ جي ٺوَ تي ويهہ"

**ٺهدر**= نئون، پختو ڪپڙو. مثال:

"صاف ٺهدر ڪپڙو آہ"

**ٺباڪ** = گهٽو ڪائيندڙ، پيتوڙي. هونئن "ٺباڪ" جي معنيٰ آهي: پاٽڙو، ٺڪر جي ٿالهي، ٿالهي. شڪارپوري لهجي ۾ "ٺباڪڙو" بہ ڪم اچي ٿو. هي ٿين يا ٺڪر جو ٿانءَ ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڳوٺاڻيون عورتون ٻي گهر مان ٿاندا ڪٽي اچي، پنهنجي گهر باھہ ٻارينديون آهن. مثال:

"عورت ڏيءَ کي چيو : ٺباڪڙو کڻي، جمعي جي گهرئون ٿاندو تہ ڪٽي اچ."

**پُڙو** = ڪا شيءِ بند ڪرڻ لاءِ وڻن جي پنن مان يا ڪاغذ مان ٺاهيل پئڪيٽ. مثال: "چا ڳالهہ آ، جو مٺائيءَ جا پڙا پيا اچن"

ماچس کي بہ "پڙو" چيو ويندو آهي. مثال : "پڙو" ڏجانءِ، تہ بيڙي دکايان"

**پَٽڪو** = پڳ

**پرتيت** = ويساھہ، اعتبار. شعر مان مثال:

”ڪو پريمي پيو پرتيت سان، بلاڪئون بچي“ (سامي)

”پيهي ڏس پرتيت سان، دل جو ڪولي در“ (سامي)

**پنڻ** = موڪلڻ (شڪارپور جا هندو ڪتب آڻيندا هئا)

**پُئي** = ڪاڪوس. چوڻي آهي: ڏند تہ مُئي، نہ تہ پئي.“

**ياڙ** = وڏو چلهو، تنور، ڪورو. مثال:

”وڃي ياڙ ۾ پوي، اسان جو چا؟“

**ٺرڻ** = خوش ٿيڻ : مثال :

”اولاد کي ڏسي پيو ٿو ٺري“

شعر مان مثال:

ڏسي منهن محبوب جو، راتيون ڏينهن ٺري“ (سامي)

**جات جماعت** = ڪٽنب قبيلو

**جُوهڻ** = تڪڻ. مثال

اهڙي جوهہ وجهي ويهي رهيو، جو اک ئي نہ ڪڍي“

**جوڳي** = جهڙي. ماضي قريب جي نثر مان مثال : ”بي ڳالهہ هيءَ ڏيان ۾ رکڻ جوڳي آهي، تہ شڪتي ناس نہ ٿي ٿئي، (بولچند جو مضمون: ڳالهائيندڙ باسڪوپ يا فونو، ماهوار سنڌو، سال ١٩٣٢ع، (ص۔ ٤٩)

**چولو** = پهرياڻ.

**چُڙيو پاڻي** = درياءَ يا واهہ جو پاڻي، وهندڙ پاڻي.

**چيئڙ**= چيئڙ (چيهڙ) سنيون عادتون. مثال: ”فلاڻي ۾ ”چيئڙ“ ئي

ڪونهي"

ڏامر = مال، دولت،ڪاڏو، مثال:

مان وٽ "ڏامر" رکي آ ڇا؟ جو اڌار وٺڻ آيو آن"

شعر مان مثال:

"سرگ جهڙو "ڏامر" ،سامي ڇائي سپنو".

ڏن = خيال، ڌيان. مثال:

"سومر پنهنجي ڏن ۾ آ، هيڏي ڏسي ئي نہ ٿو."

ڏئونڪَ = هر هر ساڳي ڳالهہ جو ورجاءُ. مثال:

"ڏؤنڪ ڇڏي ڏي، مان ڪوشش وٺندس"

"ڏؤنڪ ڪٽي لائي اٿئي، مان بہ اياڻو ناهيان، جو نہ سمجهان"

ڏاجو= ڏاج. شڪارپوري محاوري ۾ "ڏاجو" چون، ٻين محاورن ۾ "ڏاج" چون.

ڏوگهو= گهٽي اچ، اسات. مثال:

"ڏوگهي ورايو اٿئي ڇا؟، جو هر هر پاڻي ٿو پيئين."ٻين محاورن ۾ "ڏوگهون" چون.

ڏڏلَ = ڏڪايل، ستايل. مثال:

"صديق، زماني جو ڏاڍو ڏڏل آ"

ڏوڏا = ڏوڪا، اڻ رسيل ڪارڪون.

ڏوڏا = اکين جا تارا

ڍِرَ= وقفو، مهلت، سستي، وٿي. مثال:

"موتي اچڻ ۾ ڍر نہ ڪجان."

"وڃڻ ۾ دير ڪَيءِ ته ڪم ڪونه ٿيندو"

دونڪڻ = ٿمڪڻ، جهرمر اٿڻ. مثال:

ڏيئو اجا ته دونڪي پيو"

ٻين محاورن ۾ به "ڏونڪڻ" استعمال ٿئي ٿو.

ڏيب = بخشش، عطا. شعر مان مثال:

"بخشش جو بهرو گهران ٿو، ڏيب ڏي اهڙو ڪريم"

(مولانا امروٽي)

ڊنب (ٻرنب): ماٿهن جو ميڙ. مثال:

"گوءِ تي ڊنب ماٿهن جا هئا."

رهو = رس

روازي = رياءُ رکندڙ

ريڳاڙيو = رت يا ڪنهن ٻيءَ پاڻيٺ جون ڌارائون".

رُوڻ=درياءَ يا واهه جي پِڪَ ۾ سنهي گهاري، جنهن مان پاڻي سمندو رهي.

راهِ = ڳاهيل ان جو ڍڳ، ٻار.

راهَڪ = ڪڙمي، هاري.

هن محاوري ۾ "ٻار، بدران "راهه" ۽ "هاري، جي بدران گهٽو ڪري "راهڪ" چيو وڃي ٿو. مثال :

اڄ ڪلهه اهي محنتي راهڪ به نه رهيا آهن، جيڪي ٻنيءَ مان گند گاهه ڪيندا رهن، ته ڀوڪ سٺي ٿئي."

ربهي ربي = گهيتاري، لفظ "گهيتاري" به شڪارپور جي محاوري

۾ ڪم اچي ٿو.

**ريڪ** = ليڪ، نشان "ريڪا" بدران "ريڪ" چيو وڃي ٿو.

**زمرڪ** = وڏو نقصان، مثال:

"چپ ڪر ، ته ڏيانءِ، نه زمرڪ"

**سُٽرو** = سولو. مثال:

"سچاڻ ٽنهن سندو سڙو، فنا جو فن سکڻ گهرجي

(مولانا امروٽي)

"اهو ڪم سٽرو ناهي، جيئن تو سمجهيو آ."

**سيِهو** = لاڳاپو، واسطو. ٻين محاورن ۾ "سِهو، ڪم اچي ٿو. مثال : "سليمان پورهئي جي سيهي جي ڪري، لڏي اچي هن ڳوٺ ۾ ويٺو آ."

**سبيل** = گهٽو، جهجهو، هونئن هن جي لغوي معنيٰ آهي : رستو سڙڪ، واٽ، طريقو، تدبير، خدا ڪارڻ پاڻي. شڪارپور جي محاري ۾ استعمال :

"ٻوڙ ڪجهہ سبيل آڻجانءِ، ته پوَرو پوي"

**سنوهہ** = تاڪيد،پارت، گهٽو چوڻ، مثال :

"شهر اچڻ وقت، جمن سنوهہ ڪيو هو، ته مون جي لاءِ پنکو وٺيون اچجانءِ"

**سَرسُ** = وڌيڪ – مثال :

"تنيو ڇوڪرو وري گهٽ آ ڇا؟ سيرسرس آ."

**سَنڌو** = فرق، نشان. مثال :

" ڏسو هٿن ۾ ڪپڙن ۾ ڪيڏو نہ سَنڌو آ."

سَؤنسو = وهم، شڪ مثال :

"سؤ نسو نہ ڪر، الله ڪي سنياري ڪم ڪي لڳ"

سيبايو = وڻيو، پسند آيو، شعر مان مثال:

"واهہ واهہ سڄڻ رنگ لايو هو، وهہ واهہ حسن سيبايو تو."

ٻين محاورن ۾ سيباڻو اچي ٿو. شاهہ لطيف چيو آهي :

"لنگهي سير سنوان ٿيا، ساهڙ سيباڻا"

صدق = ويساهہ، اعتبار، عقيدو. سامي اهو لفظ ان معنيٰ ۾ آندو آهي:

"ديئت ڪيائون دل مئون رکي سَمَ صدق"

ڦڪُرو = واڻکو، پڌرو. مثال:

"قميص نوڙيءَ تي وجهہ، تہ ڪجهہ ڦڪري ٿئي،"

ڦڪل = اٽڪل، تدبير، سياڻپ (لفظ "فڪر" جي بگڙيل صورت) مثال :

ڦڪل سان ڦاڙي، پردو ٻيڻ ٻرم جو" (سامي)

ڦيهہ = مار. مثال :

"وڏيري راهڪ کي هرويرو ڏاڍي ڦيهہ ڪئي."

ڪنگڻي = هٿ جو زيور. هن محاوري ۾ چوڙيءَ لاءِ گهڻو ڪري ڪنگڻي ڪم ايندو آهي.

ڪَسرَيلُ= ناراض، ڪاوڙيل: (مصدر : "ڪَسَرَڻ." ٻين محاورن ۾ "ڪسرجڻ" آهي ) مثال :

"پنهل کي ڪم لاءِ مان نہ چوندس، مان سان ڪَسِريلُ آهہ."

**ڪُتِ خلق** = عام رواجي ماڻهو مثال :

"گوءِ تي ڪت. خلق اچي گڏ تي هئي"

**ڪاتر** (خاطر) = واسطي، لاءِ. شڪارپور جا هندو "ڪاتر" استعمال ڪندا هئا. مثلاً چوندا هئا:

"تنهنجي ڪاتر اهم ڪم ڪيو ٿم."

ساميءَ بہ ڪاتر استعمال ڪيو آهي.

**ڪانگهاري** = پوئين ڪير واري مينهن يا ڳئون.

**ڪنڌو** = وهي.

**ڪنڌو** = اوڌر تي سودو وٺڻ. مثال:

"منگل سان مون جو ڪنڌو آ، حالي تہ وڃانس ٿو سودو وٺندو."

**ڪيد** = چَل، ٽـڳي، دولاب، هـن مـحـاوري ۾ ان لـفـظ جي اهـا معنيٰ آهي، هونئن ٻين محاورن ۾ ٻيون معنائون بہ اٿس، مثلاً ڏک، پيڙا، آزار، بيماري، عذاب. ڏولاٿو، شڪارپور جي محاوري جي حساب سان مثال:

"مائيءَ ڪيد ڪٽي وڌو آ، اٿس ڪجهہ بہ ڪونہ."

**گند** = بدمزگي. مثال :

"اجايو ڪٽي گند ڪيو اٿائين، ڪير سمجهائيس؟"

**گندان** = هند. بسترا، رلهيون، اصل ۾ بروهي زبان جو لفظ آهي.

**گِيدو** = ڪيسو.

**لَبُ** = اصل ۾ بروهي زبان جو لفظ، معنيٰ اٿس: نياڻيءَ جي وڪري

وارو پيسو.هن محاوري ۾ معنيٰ اٿس: رشوت، لالچ، لوڀ، مٺڪي.
مثال :
"ڪاموري کي جيستائين لبيو ناهي، تيستائين ڪم ڪونہ ٿيندو آ"
**ليٽ** = ڀوڏ – هتي "ڀوڏ" جي بدران "ليٽ"چون. مثال :
"۴۲ واري ليٽ وڏا ڪيس ڪيا"
**لونجهہ** = ڳٽتي، پڇار.مثال: ڪريم کي ڪراچي وڃڻ جي لونجهہ لڳل آ"
**لڳڙو** = ڪمزور، ڪپڙو يا ڪمزور ماڻهو.
**موريز** = ڪاڪوس
**مُئي** = گاهہ يا ڪپڙي جو ويڙهيل ٽڪرو، جيڪو ٿانون صاف ڪرڻ ۾ ڪم اچي.
**مُوئو** = گاهہ يا ڪپڙي جو ويڙهو.
**ميسٽو** = بناوتي معصوم. مثال :
"آچر ڏسڻ ۾ ڪيڏو ميسٽو آ، پر آهي وڏو آڙيڪاپ."
**موشو** = بهانو، عذر. مثال:
"موسو مان کان ملڻ کان موشو پيو ڪري"
**مَندو** = گهٽ، ڍلو. مثال
"اڄ ڪلهہ ڌنڌو مندو آ"
**مُزرو** = وڏو ڪمال. مثال :
"ايڏي پنڌ تان جلدي موٽي آئين مزرو ڪيءُ"

اصل ۾ لفظ مجرو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: حيرت ۾ وجهندڙ ڪم، تماشو، هنر، حرفت.

**مَڳِي** = غرور، تڪبر.

"اڄ ڪي، دنيا تي ڏاڍي مڳي آهي"

**مُنڊر** = ڪير وڪڻڻ وارو. مثال:

"عورت مرد کي چيو: مُندر سان ڪير جي ٺيٺ ڪري ڇڏ"

**مُڃڻُ** = وڃڻ. مثال :

"اٺت تہ مڙين، وڻ ميڃرائي ڇڏيئي"

ماضي قريب جي نثر مان مثال :

"فقط ڪاتيون مُڃي ناهي، لوڙهو ناهٺو آهي."

(ڪيئلداس ولي رام جو مضمون " ننڍين ڳالهين مان انسان جي چرتر جي پيچاڻ")، ماهوار سنڌو، اپريل ١٩٣٦ع، ص (٥٢)

**مُونجهو** = ڳڻتي وارو، پريشان - بي آرام، "مونجهہ" ۽ مونجهارو پدران ڪم اچي ٿو. شعر مان مثال:

"مونجهو تنهن ڪان ٿئين چو تو تون پيار" (مولانا امروٽي)

**مُڃو** = مجموعو، ماضي قريب جي نثر مان مثال:

"آهي انسان هونئن بہ هڏن جو ئي مڃو"

تنهنجي قدرت: (ڪيئلداس فاني. سنڌو آگسٽ ١٩٣٨ع ص،٥٢)

**نار** = ناڙ، نبض. مثال:

"تپ تي پيو آ، وڃان ٿو طبيب کي نار ڏيکارڻ."

**ندان**= (اصل ۾ نڌان) آخر، ڏنگ، ڇيهہ مثال:

”ندان امام بخش موٽي آيو“

نِرڏڪ = بي ڊپو، مثال: ”وڏو نرڏڪ آ، ڪنهن کان ڪو تہ ڊڄي.“ شعر مان مثال:

”ٿيو نرمل نرڏڪ، ڪٽي جيءَ جنجير سڀ“ (سامي)

نت = سدائين، هميشه مثال :

”هجر کان هوت عاجز جي اکيان نت آب جاري آ.“

”يار، ڪجهہ وقت تہ ويهہ، نت ٿوروئي ايندو آن.“

ونڊ = ساڳي ڳالهہ جو ورجاءُ مثال:

”بدم، بس، ونڊ ڪٽي لائي اٿئي.“

”ڇڏ ڪٽي ڳالهہ کي، ونڊ ڪٽي ڪئي اٿئي“

وجٽو = پکو- هٽ جي پکي لاءِ شڪارپور جي محاوري ۾ عام طرح ”وجٽو“ استعمال ٿيندو آهي.

وَنُ = رنگ. مثال:

”منهن پيو وَنَ وَنَ ڪريس، ڪوڙو ماٺهو پريئون پڌرو.“

ويڌَنَ = مصيبت، ظلم، ايذاءُ، ڏک، مشڪلات، تڪليف. مثال:

”سومر ! سليمان جي خبر لڌي اٿئي، ويچاري سانَ وڏي ويڌن آهي.“

هن لفظ جو اصل بنياد آهي: ”بيڌڻ“ ڏکوئڻ، ودڻ، زخم ڪرڻ. جيئن تہ (و)، (ب) ۾ بدلايو ويندو آهي. انهيءَ ڪري هن محاوري ۾ ”ويڌن“ استعمال ٿئي. سامي پنهنجي سلوڪ ۾ ”بيڌن“ آندو آهي.

”ورجيس = ريت، رستم، سني عادت، سليقو. مثال :

هڪ عورت ٻيءَ لاءِ چوندي: ”فلاڻيءَ کي گهر جي ڌاڌي ورجيس

آهي.“ هي لفظ گهٽو ڪري عورتون ڪتب آڻينديون آهن.

**وهنواريو** = (وهنوار = ڏنڊو) اصطلاحي معنيٰ: هن محاوري ۾ شاهوڪار جي معنيٰ ۾ ايندو آهي.

”توکي پاڻ خبر آهي، تہ سڄي ويڙهي ۾ اسان جو ڪيڏو نہ ”وهنواريو“ گهر هو.“

**وِسو** = موڳو، ڀليل، واٽڙو، بي خيال، بي خبر. مثال :

”وسَنِ ڪئون وسري، ويو آدي گهر پانهنجو.“ (سامي)

**ويسوڙو** = ويساري، وارو – مثال:

”ويسوڙو ٿي پيو آن ڇا، جو ياد ٿي نہ ٿو ٻيهئي.“

هن محاوري ۾ هن لفظ جي اها معنيٰ آهي: ٻين محاورن ۾ هي لفظ ڪم ڪونہ ٿو اچي.

**ويسورو** = حيرت، عجب، ارمان، ڏک، فڪر، ڳڻتي. مثال:

”مان ڪي اها ڳالھہ ٻڌي، ڏاڍو ويسورو ٿي پيو.“

**وهڪيلَ** = ويهجي ويل، هيٺ ٿي ويل، مثال :

”جاءِ جو هڪ پاسو وهڪيل ٿو ڏسجي“

”مينهن يا ڳئونءَ جو ڪير ڇڏائي وڃڻ“ مثال:

”مينهن ڪي ڪير ٿي ڪونهي، وهڪيل آ.“

ٻين محاورن ۾ ”وهڪيلَ“ جي بدران ”وهڪوڙ“ ڪتب اچي ٿو.

**هشناڪي** = چالاڪي، خبرداري،

**هندورو** = پينگهو، هتي ”پينگهو، لاءِ گهٽو ڪري ”هندورو“ استعمال ٿيندو آهي.

**هِيڪل** = اڪيلو، هن محاوري ۾ "هيڪل" بدلجي "هيڪل" ٿيو آهي.

**يَڪو** = هڪ ـ منو، سڄو سارو، سمورو، مثال :

"يڪو هليو وئين."

هتي انهيءَ معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. هونئن ٻي معنيٰ ٻـ اٿس، جهڙوڪ: هڪڙو، تنها، اڪيلو.

## ٻٽا لفظ

**طعنا تُنڪا**= ٿٺ جٺ، شعر مان مثال:

"طنعنا تنڪا سر تي سهندي، جڪ ماري پل سڄو جهان"

(نماڻو فقير)

**چٽا پٽان**= ذرار پرزا، شعر مان مثال:

"محنت مارن جي رت رئاريم، ڪيم فراق چٽاپٽان"

(مولانا امروٽي)

"**رڌِ سڌِ** = غير رواجي طاقتون. شعر مان مثال:

"هوا جن جي هٿ ۾، رڌِ سڌِ جهڙا ٿوڪ"- (سامي)

"رڌِ سڌِ سَڀَ ڪني، سونپيائين شيوڪ کي"-(سامي)

**لُنَو لُنوَ** = سڄوجسم، شعر مان مثال:

"وسِيو ميگهه مهر جو، ٌلنو ٌلنو ڪلي بهار" - (سامي)

" لُنوَ لُنوَ رس پيئن، آتم پد اپار جو" - (سامي)

"تنهنجي مهر ميا سان، لُنوَ لُنوَ سي ٺاري" - (سامي)

"لُنوَ لُنوَ سي ٺاري، سيتل ٿيو سامي چئي" - (سامي)

**لِنوَ لارَ** = ذرو.مثال:

"لڳي مايا موهہ جي، ڪوڙي لِنو لاري" - (سامي)

"**لَنو لغار** = ناتو، تعلق

"**ڪن پلڪ** = جهٽ پٽ، جلد ئي. مثال:

"دير ئي نہ لڳي ڪن پلڪ ۾ ڪم تي ويو"

**ڪرڪر** = رنجهہ ڪنجهہ. مثال :

"بابا هر ڳالهہ ۾ ڪِرڪِر نہ ڪندو ڪر."

**اڳ پوءِ** = هَر طرف، شعر مان مثال:

"اوچتو اڙجي وئين، اڳ پوءِ نہ سنياريو" - (بهاول فقير)

"**سرت سنيار** = ڄاڻ، هوش - مثال:

"اتي ڪا اسان جي بہ سرت سنيار؟" يا صفا وساري ڇڏيو اٿئي."

شعر مان مثال:

"رکن نہ رتيءَ جيتري، سامي سرت سنيار." - (سامي)

"**اروار پار** = هِنَ پار هُن پار. شعر مان مثال:

ساڏو چڙهيو سِير تي، اروار پار پيئي" - (سامي)

**سردگرم** = گرمي سردي.

**ريت مني** = هر قسم جي زمين. مثال:

نہ سرد نہ گرم ريت مني، نہ جاڳ رهي، نہ خواب عجيب"

(غلام علي مسرور)

# اصطلاح

**لُنوَ لُنوَ نري پون** = تمام گهڻي خوشي حاصل ٿيڻ. شعر مان مثال:

"تنهنجي مهر ميا سان، لنو لنوَ سپ ناري" - (سامي)
"جنهن سمت مٿائي من جي لنؤ لنؤ سپ ناري" - (سامي)

**تاڙيون تاڪ لڳي وڃڻ** = حيرت ۾ پئجي وڃڻ. مثال :

"ارباب جي اها حالت ڏسي، مهنجا تہ تاڙيون تاڪ لڳي ويا."

**ڪنڊون ڪير پيئڻ** = خوشيون ملهائڻ. شعر مان مثال:

"گڏيا رهن سپ سان، پين ڪنڊون ڪير" - (سامي)

**"ساب پوڻ** = ڪاميابي حاصل ٿيڻ. مثال:

"الله ڪيو، جو پورهيو ساب پيو"

شعر مان مثال:

"جهد جو جنهن جو، سو سپ ساب پيو"- (سامي)

**چپ چٽڻ** = ارمان ڪرڻ ، افسوس ڪرڻ، مثال :

"چپ چٽيندي راتڙي وهامي ويئي" - (سامي)

**هٿ پائڻ** = هٿ وجهڻ، مثال:

"هر هر هٿ نہ پاءِ، عشق جي اسرار ۾" - (سامي)

**چڱا پير هلڻ** = سٺو برتاءُ ڪرڻ. نثر مان مثال:

"هو صاحب پنهنجي جيوت ۾ عام ماڻهن سان چڱائي پير هليو"
(سنڌو جنوري ١٩٣٩ع)

**واريَ ڇڏڻ** = ختم ڪري ڇڏڻ، ليڪ ڏئي ڇڏڻ.

"عيسي وٽان ڪڏي بہ پيسا نہ ملندءِ، هاڻي اهي پيسا واري ڇڏ."

**هوءِ هوءِ ڪرڻ** = دانهون ڪرڻ

**پُون پُون ڪري وٺي وڃڻ** = ڳالهائڻ سان نندڻ، جاڏهون تاڏهون ڳالهائي ڪمزوريون بيان ڪرڻ. مثال: "ويس تہ سڀ پون پون ڪري وٺي ويا."

**ڪبتون ڪرڻ** = ڊگهيون ۽ اجايون ڳاهيون ڪرڻ. مثال:

"رابعہ جي گهر ويس، ڪبتون ڪرڻ ويهي رهي، ڏينهن ئي لاهي ڇڏيائين"

**ڪين جو ڪُنو چاڙهڻ** = سچائي ظاهر ڪرڻ، ناڪار ڪرڻ مثال :

"جمع ڏانهن جڏهن بہ قرض وٺڻ وڃ، تہ ڪين جو ڪنو چاڙهيو ويٺو آ."

**ڦِڪل سان ڦاڙڻ** =اتڪل سان اصل حقيقت ظاهر ڪرڻ. مثال:

"ڦِڪل سان ڦاڙي، پردو پيڊ پرم جو" - (سامي)

**ڪڙو پائڻ** = ڪڙو ڏيڻ، مثال:

"ڪڙو پائي، پوءِ اچي سمهجانءِ"

**سَر ليڪ نڪرڻ** = تورو اتر تيڻ. مثال :

"ڪمن ڪي ڪيڏو ئي سمجهايم، پر سرليڪ ئي نہ نڪتس"

**ريڌارهڻ** = خوش رهڻ. شعر مان مثال:

"سِي ڪتن ڪين آڪت، ريڌا رهن حال ۾" - (سامي)

ٻاهي ڇڏڻ = ڇيپاتي ڇڏڻ.

ڏَر جهلڻ = طاقت ساري سگهڻ، شعر مان مثال:

”فانيءَ جي اندر ۾ اجا ڏيرج نہ ڏُر جهليو“ ڪيئلداس فاني، سنڌو جولاءِ ١٩٤٤ع ص ١٧)

ڀول ڀڃڻ =جڙتو ڳالهہ جي حقيقت ظاهر ڪرڻ.

”تنهن ملي ساڌ سنگت سان، سامي ڀول ڀڳو“ - (سامي)

ليکو چُڪتو ڪرڻ = حساب ڪتاب صاف ڪرڻ. مثال:

”هاڻي ليکو چڪتو ٿيو، اڳتي جي ڳالهہ اڳتي سان،“

شعر مان مثال:

”جئند تنهن جهان مئون، ليکو ڪيو چڪتو“- (سامي)

جک جک ڪرڻ = اجايو ۽ بي فائدو ڳالهائڻ. شعر مان مثال:

”ڪو هہ ڪرين جک جک دردر ديوانن جان“ - (سامي)

تنبيهہ ڪڍڻ = تنبيهہ ڪرڻ، ماضي قريب جي نثر مانِ مثال :

”تازو مسولنيءَ يورپ جي بادشاهن کي تنبيهہ ڪڍي آهي تہ اوهان ايبسنا کي باروت پهچائي رهيا آهيو، جنهن مان دنيا کي ڇيهو رسڻ جو امڪان آهي“ (مهتممي نوٽ، سنڌو آگسٽ ١٩٣٥- ص - ٢٦)

ڀَنورهڻ = راضي رهڻ. شعر مان مثال:

(سامي) ”گياني گرمک، پائي منجهہ ڀنو رهي“

ڏَنڊا ڏئِڻ = ڪوشش ڪرڻ، حيلا هلائڻ. مثال:

”مال ميڙڻ لاءِ وتي ٿو ڏنڊا ڏئيندو“

شعر مان مثال:

"جي توکي پياس پسڻ جي، تہ ڏنڌا ڪيم ڏئين" (سامي)

**بود ۾ اچڻ** = مستيءَ ۾ اچڻ.

**لانگهو لنگهائڻ** = مشڪلاتن کان بچائڻ. شعر مان مثال:

"اچي سولي ڪج سرور، لانگهو لنگهائج لطن مان"

(قاضي گل محمد، ڳوٺ ماڙي تعلقو لکي)

**ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ** = ڪفن دفن ۾ شريڪ ٿيڻ، شعر مان مثال:

"ڪلهي ڪانڌي تہ هوندن پي ٿي، جنازي سان هلندين پر."

(حافظ خير محمد اوحدي، شڪارپور)

**تاني وجهڻ** = اچ وڃ ڪرڻ، ڦيرا ڏيڻ، اصطلاحي معنيٰ : پريشانيءَ واري حالت. مثال "عيسيٰ چا ٿيو اٿئي، جو تاني ڪٽي وڌي اٿئي،"

**پرليءَ ٿي وڃڻ** = "پرليءَ" معنيٰ قيامت، اصطلاحي معنيٰ: اڻ هوند ٿي وڃڻ، مثال:

"ايڏي پرليءَ ٿي وئي ڇا، جو ان ڳولهيو نہ ٿو لڀي"

**هبي تبي ڪرڻ**= لعنت ملامت ڪرڻ، مثال:

"ويچاري جو ڏوهہ ئي نہ هو، هرو پرو هبي تبي ڪيائينس"

**پيٽ جي پُورائي ڪرڻ** = ماني کائي ڍؤ ڪرڻ. : ماضي قريب جي نثر مان مثال:

"هو اٿيا، تہ اسان بہ پيٽ جي پورائي ڪري، نوجوانن سان روح رهاڻ ڪئي سون" ( مهتممي نوٽ : سنڌو ڊسمبر

١٩٣٥ ص - ٧٨)

**گهر جو چرخو هلڻ** = گهر جو ڪم ڪار هلڻ، ماضي قريب جي نثر مان مثال: " گهر جو چرخو اڪثر زالن جي خيال پنيان ڪشالي سان هلندڙ آهي."

**ڏيتي ليتي** = سوپراج نرملداس فاني، سندو، فئبروري ١٩٣٤، ص ٢٣٩)

**جوکي وهيٽي هجن** = نقصان واري هجڻ. ماضي قريب جو مثال:

"جوکي وهيٽي، جان جي جنجال کان واقف"

(ڪيئلداس وليرام بيگواڻي فاني، سندو - جنوري ١٩٣٨ع، ص- ١٨)

**دانهن اٿڻ** = شڪايتون ٿيڻ، ماضي قريب جي نثر مان مثال:

"ڪيترن سالن کان دانهن پئي اُٿي آهي، ته دنيا جي ٻين ملڪن، خاص ڪري مغربي ملڪن ۾ هندستان بابت سچيون خبرون ڪونه ٿيون پهچن"

(سندو، مهتممي نوٽ آگسٽ ١٩٣٥ ص - ٧٠)

**ڏيان لهڻ** = ڌيان ڏيڻ، ماضي قريب جي نثر مان مثال :

"تين ڳالهه جنهن ڌيان لهڻو، سا آهي، سلامي" (ايضا ص ٦٨)

**پيسو چڪڻ** = پيسي جو خرچ ٿيڻ، ماضي قريب جي نثر مان مثال :

"هڪ طرف پيسو چڪيندي، ته ٻي طرف سرڪار جي لاءِ عملي ۽ انگ اکرن جو تجربو موجود ڪندي" (ايضا ص - ٦٩)

**رَوا پائي لڪڻ** = عورت وانگر ٻجي وڃي لڪي پوڻ.مثال :
”ڏاڙيلن جي ظاهر ٿيڻ سان ڳوٺ جا زميندار، ته روا پائي گهر وڃي ڳوٺن ۾ لڪا“
(شاهل سنڌاٽي جو ڏاڙو، مهمتي نوٽ، سنڌو ڊسمبر ١٩٣٥ع، ص ٧٧)

**آڏڙو ٻيڏڙو ٿيڻ** = وڏي عمر وارو ٿيڻ. مثال: ڪراڙي عورت ٻار کان راضي ٿيندي، ته چوندس ”ابا، آڏڙو ٻيڏڙو ٿيندين“

**موشو ڪرڻ** = پاسوڪرڻ، نٽائي ڇڏڻ ، مثال : وڏن ماڻهن سان ملڻ جلڻ کان موشو ڪرڻ گهرجي.

**چڪيون ڏيڻ** = ٽڙيون ڏيڻ. مثال: ٻارن کي ٿوري ٿوري ڳالهه تي چڪيون ڏيڻ نه گهرجن. انهن سان پيار محبت وارو برتاءُ ڪرڻ گهرجي.

**رهڙان ڏيڻ** = ٽڙيون ڏيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ. مثال: رهڙانٰ نه ڏي، تو جي گهرئون نه ٿو ڪاوان.

**لاٽ پوڻ** = واهه ۾ تنبي يا ڪنهن ٻي شيءِ تي لهوارو ترڻ مثال :
شڪارپور جا ماڻهو اونهاري ۾ سنڌ واهه تي ٽڙڪرڻ ويندا هئا، انهن مان ڪي لاٽ پئي هيٺ ڳوٺ ماڙيءَ وٽان وڃي نڪرندا هئا ۽ پوءِ اتان بگين تي چڙهي شڪاپور ايندا هئا.

**ٿهوٽ مچائڻ يا لائڻ** = ور ور ڪري ساڳي ڳالهه چوڻ مثال :
ٿهوٽ ڪٽي لاتي ائٽي، خير ته آهي.

**آ پي کان نڪري وڃڻ** = پاڻيءَ مان نڪري وڃڻ، ڪاوڙ ۾

هوش کان نکري وڃڻ، مثال هو ڳالهہ ٻڌڻ سان آپي کان ٻڪري ويو ۽ الائي جو ڇا مان ڇا ڳالهائڻ لڳو.

**ڳِلا جا گھانگھا** = ڳِلا جي اپٽار ڪندڙ. مثال : جمعو تہ ڪو ڳلا جو گھانگھو آهي، هنڌ هنڌ وتي ٿو انهيءَ ڳالهہ جي پچار ڪندو.

## فقرا

* **رب جن سان جيڏو تن سان تيڏو آه** = الله سائين هر ڪنهن تي، ان جي حال آهر مهربان آهي.
* **صبح مَردان سان** = سويلي صبح جو. "مردان" اصل ۾ "مرد" جو جمع آهي. خبر نہ ٿي پوي تہ "صبح" سان "مردان" ڇو آندو وڃي ٿو. پر عام طرح چيو ويندو آهي تہ، "صبح مردان سان الله، نبي (صلي الله عليه علي وسلم) جو ٻالو ڳنهجي."
"صبح مردان سان چڱي وائي وات مان ڪڍ."
* **يا نصيب !** = نصيب ۾ هجي الائي نہ ! مثال : پڪي ماني بہ يا نصيب.
* **چئن باز پنجين نور سان هلائجان** = سئين لڳين ڪم ڪرڻ جي قوت قائم رکجانءِ.
مثال : الله سائين، چئن بازن پنجين نور سان هلائجانءِ، ڪنهن جي موٿاجي (محتاجي) نہ ڏجانءِ."
* **هست آ نست آ** = سردي آ گرمي آ يا لاها چاڙها آهن.
مثال : ماڻهوءَ کي اهو سوچڻ گهرجي تہ هست آ نست آ.

* **خيل ئي خراب اٿس** = سڄو بنياد ئي خراب اٿس.

مثال : ان جي ڪهڙي ٿو ڳالهہ ڪرين، ان جي تہ خيل ئي خراب آهي.

* **هل هلندن جي ماڳ** = ڪيٿي ئي نہ. مثال:

"جمعو ڳالهين ۾ ايندو، تہ هل هلندن جي ماڳ".

* **اڪن تي پارو** = تمام غريب. مثال:

"سڄو بہ اهڙو هو، جهڙو اڪن تي پارو".

# پڙھندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجھہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنھن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)